# هُو جهان - هي من

(١٠ سنڌي ڪهاڻيون)

Ho Jahan Hi Manu

ليکڪ اي. جي. اُتم

A. J. Uttam

قيمت ويهه رپيا

ڊسمبر ١٩٩١

Asha Chand
contact: chand@eim.ae

نئين دنيا پبلشرس

ٻي-٩، فلوريڊا، سيتلا ديوي روڊ،
مهم، ممبئي-١٦٠٠٠٤٠٠.

(فون ـ 4374136)

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- هوُ جهان-هي من | ١٣ |
| ٢- نڏٽڪو | ٢٥ |
| ٣- ٻه ساهيڙيون | ٣١ |
| ٤- ڦڪڙ ڦاڙ | ٣٨ |
| ٥- روشني موٽي آئي | ٤٦ |
| ٦- خوشبودار گل | ٥٤ |
| ٧- ناني ءَ جي تلاش | ٦٢ |
| ٨- اوٽي-ٻڏي | ٧٠ |
| ٩- پتنگن پٺ ڪيو | ٨٥ |
| ١٠- جيون ساٿي | ٩٧ |


---

**درستي :** ”نڏٽڪو“ ڪهاڻي ۾ ٣٠ صفح تي ڇپيل سن ١٩٨٩ بدران ١٩٩٠ پڙهڻ کپي.

---


Hoo Jahan-Hi Man (10 Short Stories),
by A. J. Uttam
1st Edition-Dec. 1991, Price Rs. 20/-



www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# پبلشرس پاران

نئين دنيا پبليڪيشن وري شايع ڪري رهيا آهيون ته هي ٣١ سال ٿيندو. هي پهريون ڪتاب آهي. هيلتائين ٣٠ سالن ۾ هڪ سؤ کن ڪتاب ۽ ٢٥ سال ماهوار نئين دنيا مخزن به ڪڍيسين ۽ ٥ سال بهترين ڪتاب کي ساليانو ٻه هزار رپيا انعام به ڏنوسين. اڄوڪي ڏينهن جي نئين روايت شروع ڪئيسين ته اڄ جي ڪيترن ممتاز ساهتڪارن کي اڳيان آندوسين ۽ هزارين ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون ڇپيوسين. انهن مان ٥٠٠ کن سنڌي ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻين ۽ ڪوتا شاخ کي هتي تازگي سان سرسبز رکيوسين. اصلوڪي ساهت کي اوچ ڏيڻ ۽ ٢٥ سال خانگي طور ماهوار مخزن ڪڍڻ جو ٻيو مثال هند سنڌ ۾ اسانجي ساهت ۾ ڪونه ملندو.

هي اي-جي-اتم جو ٻيو ڪهاڻي-مجموعو آهي. پهرين مجموعي "ڪشمڪش" جا ٽي ڇاپا (گجراتي سميت) نڪتا. "هوءَ جهان-هي من" ڪتاب ۾ سڀ ڪهاڻيون پهريون دفعو آندل آهن. اهي ٥٠ جي ڏهاڪي کان اڄ جي ڏهاڪي تائين مخزنن ۾ ڇپيون

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

هيون. اُنهن مان ڪافي نه هئي ۽ سندن ور ور ڇپيون آهن ۽ ڪي ايتريون ته ٻه ٽي ڀيرا ڇپيون آهن. هنن ۾ رڳو ٻاهريان زندگي ڪانهي جنهن اسان اڪثر پسندن لاءِ غلط نيڪا ٿيندي آهي، پر اندروني جھوت ۽ عدي معرفتيانڪ تصوير به آهي. انهيءَ قدر به ڏيو آهي. جنهن پروفيسر ايم-يو-ملڪاڻي "روشني موٽي آئي" کي (١٩٦٥) سال جي هڪ بهترين **ماڊرن ڪهاڻي** ...معروفتيانڪ چيد بابت ڪامياب ڪهاڻي ڪوٺيو هو (ڏسو نئين دنيا ڊسمبر ١٩٦٥).

انهن ڪي معروفتيانڪ، سماجڪ، ڪي ورهاڱي جي درد، سندايت ۽ ڪي برابري، پاڻپي، آزادي ۽ ايڪتا جي جذبن جا چٽر آهن. ڪن ۾ مذاق ۽ طنز به آهي. پر سيدي ۾ ڪهاڻي- ڪلا جو انگ ۽ سهڻي سپڪ ٻولي ۽ نجي عبارت به آهي. وڏيڪ ته پاڻڪ ئي پڙهائيندا.

ليکڪ طرفان

# ڀارت ۾ سنڌي ڪهاڻي

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ساهت ۾ ڪهاڻي جي شاخ ئي لڳاتار گهڻي ۾ گهڻي ترقي ڀي ڪئي آهي ۽ ڪڏهن ڀي ماٺائي جو شڪار نه ٿي آهي. هاڻ نون نون ڪهاڻيڪارن حقيقت نگاريءَ سان سنڌي جيوت جي ترجماني ڀي ڪئي آهي. سچ ته ڪهاڻي ۾ ان ترقيءَ جو ٻج سنڌ ۾ ۱۹۴۰-۴۲ جي دور وقت نوجوان ترقي پسند ليکڪن ئي ڇٽيو. هنن سليس ٻولي، عام ماڻهن جا ڪردار، واقعا ۽ موضوع کڻي حقيقت نگاريءَ سان سنڌي زندگيءَ جي جهلڪ سان ڪهاڻي کي نواڻ بخشي. هنن مان جيڪي ۸-۱۰ ڪهاڻي نويس ڀارت لڏي آيا تن قلم آزمائي جاري رکي ڪهاڻي ۾ ترقي پسند ڌارا کي اوج ڏني. انهن مان ترقي پسند **ٽمورتيءَ** ته ساهت لکڻ سان گڏ ساهتڪ ۽ سنڌيت-هلچل لاءِ پڻ بزرگ ۽ نوجوان ليکڪن کي ساڻ کڻي ٻولي تسليميءَ جي سوڀ ڪئي سنڌيت سان گڏ ساهت کي ڀي موڙ ته ڏنو آهي.

اُنلو هئڻ نون نون ساهتڪارن کي به سنڌي جاتي ۽
جيوت جي ترجماني ڪرڻ لاءِ اُتساهه به ڏنو آهي
۽ اُديش به رکيو آهي، جنهن اڄ تائين اُسريل ڪافي
نون ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين مان به پڌرو آهي.
اَڄ ترقي‌پسندن جي ان ڏين کي تسليم ڪيو ويو
آهي.

هتي سنڌ مان آيل ترقي‌پسند **ڏموڙي** مالهي،
ڪيرت، اُتم سان گڏ گوبند پنجابي، سگڻ آهوجا،
ڪرشن کٽواڻي، آنند گولاڻي، ليکو ٽلسياڻي، جيوت
ٿرياڻي، وغيره طرفان ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ ٥٠ جي
ڏهاڪي ۾ چڱا ڪهاڻي‌نويس پيدا ٿيا، جن مان
٨-١٠ تيز قلم هلائي حقيقت نگاري سان سنڌي
جيوت جي ترجماني ڪئي. مثلاً تاب، ڪلپنا، گوردن،
پوپٽي، سندري، ڪلا وغيره. سگڻ وانگر تاب کي به
اوچتو ديهانت اسانکان کسي ورتو. ڪن ٻين نون سنڌي
ڪهاڻيڪارن ڪلا پرڪاش وانگر ته ١٣-١٤ سال
ڪهاڻي لکڻ ئي ڇڏي ڏني. هڪ ڪهاڻيڪار کي
**فلوڪ** ۾ ساهت اڪيڊمي انعام مليو ته ٢٠ سال ڪن
ڪهاڻي نه لکيائين. سندس ڪهاڻيڪار دوست به
نارائڻ شيام کي ڪتاب ارپڻ ڪري ساهت اڪيڊمي
انعام وٺڻ بعد هاڻڪي ڊئريڪٽرن ڪيندڙ ڏاڍو ڏکي
پهتو ۽ سنڌي ڪهاڻي جي موت جون مڃواتون

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڏنيون. وري ٻ، جس آهي هندجي ٽئين ساٿي ڪاپنا
ڪـي جنهن ڪـانئن اڳم ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي ۽
اَج تائين لکندو اَچي ٿو.

٥٠ جي ڏهاڪي وانگر ٦٠ ۾ بہ اُنجي وچ ۾ ٻـــ
جدا جدا ويچار ڌارا وارا ڪافي نوان ڪهاڻيڪار پيدا
ٿيا، جن مـان ڪي تہ اَج بـہ پيا ڪهاڻيءَ کي اوج
ڏين، جهڙوڪ ايشورچندر، هري همٿاڻي، هريڪانت
وشنو ڀاٽيا، هريش واسواڻـي، آنند ٽهلراماڻي، لکمي
کلاڻي، ڪمل پياسي، موتي جوتواڻـــي وغيره. هنن
مـان ايڪڙ ٻيڪڙ جديديت واري ڌارا سان ڪهاڻيءَ
کي ڌرم رسائي ٻر اِها لهر ٧٠ جي ڏهاڪي شروع
ٿيڻ سان ماٺ ٿـي ويئي ۽ جن ڪهاڻيءَ لاءِ صحيح
ٻولـي، سنڌي ڪردارنگاري، مرڪزي خيال، گرامر،
گفتگو، ٻلاٽ، چوٽي وغيره جهڙيون خصوصيتون جاڻي
ٻجهي ٿوڪاريون، تن ٻاڻ بہ عمل نہ ڪيو. مثلاً هريش
جي ڪهاڻي ”گهنٽي“ ۽ ٻرام ٻرڪاش جي ڪهاڻي
”گونڊي گريبدي“ (سنگيتا ۾ ڇپيل). ٻين جديديت
وارن جون تہ اَهڙيون ڪافي ڪهاڻيون لکيل آهن.

٧٠ جي ڏهاڪي ۾ بہ ڪي نوان سٺا ڪهاڻيڪار
اُسريا جهڙن ايشور ڀارتي، ڀڳوان ٿلواڻي، سندر اگناڻي،
لڇمڻ ڀمياڻي، ٻرڪاش وغيره. ٻر ٨٠ جـي ڏهاڪي
۾ تہ اَجا بـــ وڌيڪ نوان ڪهاڻيڪار اُسريا آهن.

جن مان گھڻيون ليکڪائون آهن جڻن ويٺا شرنگي، سونـي مولچنداڻي، ڪملا گــوڪلاڻي، رينا شهاڻي، اندرا واسواڻي، رڪمڻي چيتاڻي ۽ اهڃاڻ ڪڪڙيجا، پگھران انلاڻي، هولارام هسيجا، ٻيئي خوبچنداڻــي، شوو رامداڻي وغيره.

هن ڏهاڪي ۾ ايترن ڪهاڻيڪارن جو اُسرڻ جو هڪ وزندار سبب اهو ٿو لڳي ته ان ۾ سي.ايڇ.ڊي جي ملاحڪار ڪاميٽي طرفـــان ١٥٠-٢٠٠ ڪاپيون خـريد ڪرڻ ۽ انعامن ڏيڻ جـــي شروعات ٿي. اها شروعـات ڪرڻ جـــو شرف ڪاميٽيءَ جي پهرئين چيئرمين ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي کي آهي. پوءِ ته ٻين چئن پرانتن جي سنڌي اڪيڊمين ۾ اُنهي پيروي ڪئي آهي. انجو اهو نتيجو نڪتو آهي جو جيڪي نند جـوهري جهڙا ليکڪ هڪ ڪتاب ڇپائـــي ٣٠ سال کن ڏنڌي مان ناڻو ڪمائي يا ٻئي ڪنهن ليکڪ وانگر نوڪري مان رٽائر ڪري وري ٣٠ سالن بعد ڪتاب ڪيئن يا سمپادڪ وانگر ٣٥ سالن جي ڏنڌي بعد نئين نماهي مخزن ڪيئن يا هڪ ٻئي ليکڪ وانگر ڪوتا بعد پاشا وکيان ۽ تنقيد آي قلم هلائي هاڻي ٤٠ سالن کـــانپوءِ ڪهاڻين جـــو پهريون مجموعو ڪيڻو آتس. اُهو ۾ اچرڪي سنڌي جدوت لـــي ڪونهي. انڪري اُي سنڌ جي سهڻي مخزن جـــي سمپادڪ

طارق اَشرف هتي گلجڳ تي ملاقات ۾ ڏوراپو ڏنس ته اَڄ هتي اَهڙيون لکيل غير سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون پاڻڪن ڪي متاثر نٿيون ڪن ۽ ”تو هانجي ماڻهن جون ڪهاڻيون ڪونهن. ...چاڪاڻ ته اُنهيءَ حقيقت سان واسطو ڪونهي.“ طارق اَشرف سچ چيو آهي. گردڻو نڳور پڙهندڙ پنهنجي ٻولي ۽ زندگيءَ کي نکرائيندڙ ليکڪن کي نهنديدي ويٺيا سڏيو هو ۽ چيو هو ته هرڪو ليکڪ پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو ئي ليکڪ آهي. *

ليڪن هتي اَڄ سنڌي جيوت کان منهن موڙيندڙ ڪهاڻين کان سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون وڌيڪ آهي جيئن متي ڏنل نالن وارن ليکڪن جا ١٠٠-١٥٠ ڪن ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو. مون اَجا اِهي ٿورا نالا ڏنا آهن صرف پڌائڻ لاءِ ته هتي سنڌي ڪهاڻي لکڻ ۾ ماٺائي ناهي. چو ته نه ته ڪيئن نوان نوان ڪهاڻيڪار ليکڻ ڪڙيا وينا شرنگي، سونـي موليچندائي، ڪملا گوڪلاڻي وغيره وانگر سنڌي جيوت جون سڀيون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ڪتابن ۾ ڏن ها. البت اَئين آهي ته هتي جيترو سنڌي ساهت نڪري ٿو اوترا پڙهندڙ ناهن. نه رڳو ايترو پر سنڌي ٻوليءَ جو

* پڙهو نڳور- هڪ جهلڪ (اي-جي-اُتم) ڪتاب

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# هو جهان - هي من

مونکي ڪل ڪانہ هئي تہ چوطرف ڦهليل ٻاهرئين جهان جي اِن جو ڪک پن بہ اهڙو ٻلوان آهي جو ڇهہ سان الدرئين من تي ساڻن ڪان اونداهي غفائن جو جميل مال مڌائي ڇڏيندم. هن مارڪيٽ ۾ وينل پاڇيءَ واريءَ جي اِن ڇٽن ٻون ڇا لـــ اندر ۾ اٿل پٿل مچائي آئـن. الاجـي کهڙيءَ ڪٽيءَ ڪنيم جـــو حڪايت ڪئي ماڻس تہ ”مونکي اڄ رهڻي ۾ ڪوٿمير جا سڪطا ٽي چار پن ڏنا اٿيئي، هـــو هن ٻئي پائيءَ کي تہ اصل پهرين ڪوٿمير ڏنـو اٿيئي. مون پاڇيون نہ گهٽيون وڌيون آهن. تنهنجو روزانو گراهڪ بہ آهيان. مگر هي ماڻهو ڪير لڳيئي؟“

ڇوريءَ ڪـلي کلي ڏاڍو خدڪيءَ سان وراڻيو، ”هي يار لڳيم.“ اهو ٻڌي ٻئون پاڇيءَ واريون بہ کلڻ لڳيون ۽ هو ٻيو مڙس ويچارو هڪو ٻڪو ٿي هلندو رهيو.

گهر پهتي، دري تي ٺڪ ٺڪ ڪيم ته دروازو کلڻ سان نديم بالي سهڻي سنهڙي آفيس وڃڻ لاءِ ساهيڙيءَ سان گڏ نڪتي. پر ته اڳيئي آفيس وارو هو. مون کي ڏسي ساهيڙيءَ مهنجي نديم کي چيو، ”اڇا يار چلو جلدي ڪريو،“ متان نديم مون سان ڳالهائڻ لاءِ نه ترسي. ڪوڙي نه مشيني معورتي تي وڃي آهي! زمانو به ڪيڏو نه بدليو آهي. ڇوڪرين جيهن لڏهڪي ڪٽي ”يار - دوست“ بڻايو آهي. ان لفظ سان لاڳاپيل مولڪي پهنجو ماضي ياد اچڻ لڳو. مونکي ورهاڱي وقت جي سنڌ جي سار ستائڻ لڳي، جڏهن هڪ ڪنواريءَ ان لفظ ”دوست“ سان مهنجي من ۾ حسد ۽ اوشواس جو ٻج ڇٽيو هو، جڏهن هتي مهنجي پتيءَ کي ڏکي ڪري نهوڙي نيو.

ان وقت سنڌ ۾ مئٽرڪ مس پاس ڪيم ته جلدي ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. ڪاليج ۾ پڙهڻ جي ڪيڏي نه خواهش ۽ خوشي هئم. ليڪن ان ورهاڱي جڳ اسانجي هر خوشي ۽ خواهش جو خاتمو ڪري ڇڏيو. اسان لاءِ چوڌاري ڀپ، هراس ۽ بي سلامتيءَ واري حالت پيدا ٿي وئي، ورتو جو سنڌ ۾ ٻاهران لڏي آيل مهاجر اچڻ لڳا ته آئي باقي آئي رهڻ جو ڪم وارو ٿي پيو.

انگريزن جي ورهاڱي جي اعلان سان راتو رات ۾

اسين سنڌ ڇڏيءَ جا ڏٺي ڏاريا تي وياسين ۽
ڏاريا آئل مهاجر مهمان، مالڪ بڻجي
ويا، ڇو جو هو مسلمان هئا ۽ اسين هندو. اهو ڀيائيءَ
جو زهر منٺ محبت ۾ رهندڙ سنڌين ۾ ڪنهن سر پکيڙيو
ويو، جيئو ٽيڪ جڏهن جناح صاحب، هندن مسلمانن
کي جدا قوم چئي ورهاڱو ڪرايو، تڏهن پاڪستان
جي گورنر جنرل ٿيڻ تي پهرئين ڏينهن چيو ته هاڻي
پاڪستان ۾ نه ڪو مسلمان ۽ نه ڪو هندو سڀئي هن
ملڪ جو هڪ جهڙو شهر واسي برابر ۽ حقدار رهندو.
مگر ان اعلان تي عمل نه ڪيو ويو.

انڪري اسان الهندڙن کي جيئن موقعو مليو،
تيئن پنهنجو گهر ٻار، سامان سڀ، ڪوسا ڪوهر
ڪري وڪڻي وڃڻو پيو. ڪي نه پنهنجين لئي عمر
وارن نياڻين ڏسي ٻي اڪڙ ۾ شيدهن ڪلهي چاڙهڻ
لڳا. راتوراٽ ئي وهانءُ ۽ مڱڻا ٿيڻ لڳا. ڪٿي ته نه
پورا سات سڳڻ ٿيا ۽ نه خوشيءَ سان نڪڙ ڪڍڻ ٿيو
اصل گڏگ، ٻر ڙ ۽ گهٽ پوسات ۾ هٿيالا پڙجي تي
ويا ۽ سڀ ڦيرا پارا ٿي ويا. نه آکهه ۽ عمر نه
صورت ۽ سيرت، نه علم ۽ عقل، نه پيار ۽ پسندي ۽
نه سياءُ ۽ ويچارن کي ڏنو ٿي ويو.

مدهنجو پڻ. انهن هٿيالو پڙهو ويو، پاڻ ڪان ٧-٨
سال وڏي عمر واري ڪاليج پڙهيل ماستر سان

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

مالڪن کي گهٽي ئي مدت ميڙ ڪيو ۽ ـــ، اجا صغير
ٻالڪي آهيان، ڪاليج ڀڙهڻ ڏيوم. هن ننڍي" عمر
۾ شاديءَ جي جنجال ۾ نه ڦاسايوم، نه منهنجي عمر
وارڻون زالون ڏيکاري چمالون ۽ ـــ. ڏس، اڄ ننهنجيءَ
عمر ۾ هي ٻن ٽن ٻارن وارڻون مائرون ٿي ويٺيون
هيون.

اڳين ونڪي شيدون ڪلهي چاڙهي منهنجي ماڻ، ننڍو
ٻڌ ۽ ٻڌڻ ۽ ـــ جلد سعد مان لاڏي هلئا ويا. هينئين
لڏڻ وقت حيدرآباد سٽيشن تي، ٽوان ۾ چڙهڻ لاءِ
ڪيئن نه ڪين رڙيون ٻڪوڻ ڄـــو ڏڻ ٻڌجڻو ٻيو هو،
اهو نظارو ياد ڪري اڄ به ڏرن ٿي ڏڪيم.

مالڪن کي اُبرائي، اسين گهر مونيا سين نه منهنجو
گهوٽ مونکي ٻاهر ڇڏي ٻـاڻ ٻاڙي ۾ مسلم دوست
وٽ هليو ويو. موت اندر اچي ٽوري ساهي پٽي ٿـــ
سـس ٻائيءَ ڪو ڪتاب ڪٽي اچـي مونکي ڏنـــو ۽
ڏالڪي ٻنگر به چيو، ”اڙي مٺس ڪڌواڻ هي ڏس
هوءَ ٻاڙي واري ڪاليجي ڇوري آهي نه، ٻنهن هي
ڪتاب گهڻ ڏنهن لاءِ ڏنو آهي. اڄيبومانس نه اون هينئين
ڪيو ٿين نه ٻوڙهيءَ مان ڪلي ڇيائين، ”هو منهنجو
دوست آهي.“

اهو ”دوست“ لفظ ”ياڙ“ جـي روپ ۾ اڄ هـن
ٻاڇيءَ واريءَ جي والان ٻڌي منهنجي حسد جي ٣٠

سالن اڳ، سعد واري ڪهاڻي اکين اڳيان ڦري آئي آهي،
ان زماني ۾ "دوست" لفظ لئي ته منهنجي سس کي ته ڏاڍو عجب لڳو هو، ٻه منهنجون ڀيڻون منهنجي وٽ هيون. وري ان ڪتاب ۾ جو انگريزي شاعر بائرن جو "ڊان جان" جو عشقي قصو ۽ رومانس وارا فوٽا ڏٺم ته ڪيڏاهون ٿجي ويم. اهي فوٽا سس کي ڏيکاري چيم، "ڏسو منهنجي لاڏلي پٽ جا افعال. ڪهڙا ته ڪتاب پڙهائي ڪنوارين کي؟"

هن اها سڄي پڙهائي هئم جا اڄ به نه وسري اٿم. چيائين، "رُن راج رلايا، آهن ڪهڙا ڏوهه. ڏس ته هن ڪنواري ڇوڪريءَ کي ڪهڙيءَ ڪڏ ڪيو جو مڙسن جي ساهمڙي ٿي پئجي؟"

مونکي سس جو اهو سچ دل سان لڳو هو جو اڄ به نه وسريو اٿم. حقيقت ۾ منهنجي سرڳياڻي سس ڏاڍي صاف سڌي، سادي سودي، سچ چئي ڏيندڙ سڀاءَ واري هئي. جڏهن سندس پٽ هن خلاف منهنجي شڪايت مٿي ڪيس ڪجهه، ڊپ ڪندو هو ته هوءِ ٻي ڏڪ چوندي هئس، "مٺا، ڏلو ٻڙ وڏو ڪڙ. چم چيري جٺو الماڻه. ماءُ جو ادب لحاظ رک، جوءِ جو مڃو نه ٿيءُ."

اهو ٻڌي سڀجي گهر ۾ ٽهڪڙو مچي ويندو هو.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ٻڌو مون ان رهڻ ڇهه واري وايو منڊل ۾ وک پـوري
ڇڏيو، جڏهن ٻئيءَ کي غصي ۾ چيو هوم، ”هـي
ڦسو ٻوان جان جي رومانس جـو ڪتاب، توهانجي
ساهيڙي ڏنئي وٺئي اٿو.“

هن ماٺ وانگر صاف سڌي سادي سودي نوع ۾
چيو، ”نون ڪاليج نہ پڙهي آهين نہ تہ هن ڪتاب
لئي ڪاوڙ ۾ ساڙ نہ لڳيئي. هي آزاديءَ جا ڪوڏيا
ڪري بائرن ۽ شيلي وغيره ڪاليجي ڪورس ۾ پڙهڻا
پوندا آهن. خـود اسانجي ٽئگور، جواهرلال جا بہ
هي دلپسند ڪري هئا. هـي ٻان جـان ڪتاب،
ٻاڙيسرڻ مس پاروٺيءَ پنهنجي پڙهڻ لاءِ ڪاليج جي
لئبرريءَ مان ہاڻ ورتو هو. سو مونکي بہ ٿي پڙهائي.
۽ ڪتاب تہ اسانجا سـپ ڪان ڊرلسپ دوسـت آهن.“

مون طنزي نوع ۾ پڇيو هـو، ”۽ هن ساهيڙي
مس پاروٺيءَ ڪان بہ؟“

۽ ٻئيءَ ان طنز جو جواب ڏايو سادگيءَ سان ڏنو
هو، ”اڙي ها، تڏهن ڇا؟“

هنکي ٻرابر ڪتابن سان بيحد پيار هو. اهي ڏايو
چاهه ۽ چوج سان پيو پڙهندو هو. جيڪو ڪجهه انهن
۾ اهـم لڳندو هوس، ان جـي هيٺان ليڪا پائي
ڇڏيندو هو. ڪيترائي ماڻهو وٽس ڪتاب وٺڻ ڏيڻ
۽ صلح ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. پـر جڏهن هوءَ ساهيڙي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

پيا. مان به هن وقت آئي لاءِ ته ڏاڍي جلن ۽ حسد ٿي ٿيم ۽ هنجا ڇيل لفظ ”هو منهنجو دوست آهي.“ دماغ ۾ جيسي متوڪا هڻندا هئم.

مان انڪري سنڌ مان لڏڻ لاءِ تيار هئس جو سڀ ڪائي ويس. پر هو اٿين ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. ايتري قدر جو سنڌ مائٽ به لڏي ويا ته به چوڻ لڳو، ”هتي جنهن جنم ڀومي ڪيئن ڇڏيان؟ رامچندر سوني لڪا کي به پنهنجي جنم ڀومي ايوڌيا اڳيان تچ سمجهيو هو. اسانجي سنڌڙي به اسان لاءِ اهڙي اهم ڀرڀور ڀومي آهي.“ وڌيڪ چوندو هئين، ”هتي حيدرآباد جي هيراباد ۽ هومسٽيڊ هال، قليلي واهه ۽ گدو بندر، پيت شاهه ۽ بسنت لاج وغيره، ڪيئن ڇڏي هلي سگهبا؟“

پر مونکي لڳاتين شڪ وڌڻ لڳو ته هو سڀ اهي بهانا ٿو بڻائي. هو هن ساهيڙيءَ کان پري ٿيڻ نٿو چاهي. حسد ۽ شڪ مون لاءِ ميل چاڙهي ڇڏي. ساهيڙيءَ جا لفظ پيا ياد ايندا هئم ”هيءَ منهنجو دوست آهي...“

هوڏانهن ورهاڱي ڪري ملڪي حالتون بدتر ٿيڻ لڳيون. اخبارن ۾ هندو مسلم فسادن ۽ ڪلفت وڌي وڃڻ جون به خبرون ڇپجڻ لڳيون. سنڌ ۾ جتي اڳي هندو مسلمان ڀاڻ ۾ اوڙي پاڙي ۾ امن امان ٿي ويٺا

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

هوندا هئا، سي هاڻي هڪبئي جا دوست ۽ مددگار
ٿي نٿي سگهيا. مهاجر پاھوار ايندا رهيا. ڇڪتاڻ
وڌندي رهي ۽ شهر لڏپلاڻ جي ڪري ڏهڪاءَ کانسواءِ
پسا پسا ٿيڻ لڳا. ان هوندي به منهنجي پتيءَ سنڌ
مان لڏپلاڻ لاءِ منهنجي ڳالهه نه پئي ٻڌي. ان وقت
ورهاڱي کي ڇهه مهينا به نه ٿيا هئا جو جنوري ۾
مهاجرن حيدرآباد ۾ فساد ڪرايا. ٿورو وقت اڳ ۾
ڪراچيءَ ۾ به هنن فساد ڪرايا هئا. جيڪي ورهاڱي
کان اڳ سنڌ ۾ نه ٿيا هئا.

انهن فسادن ۾، اسانجي سنڌي مسلمان دوستن
کان اڳواٽ اطلاع ۽ مهل سر مدد پهچڻ ڪري اسانجو
بچاءُ ٿي ويو. اهڙي هڪ به سنڌي مسلمانن هندن جو
بچاءُ ڪيو. جيئن پارٽ ۾ فسادن ۾ ڪيترن هنڌ
هندن پنهنجي مسلم پاڙيسرن ۽ دوستن جو بچاءُ
ڪيو هو.

ان منحوس جنوري مهني جي پڇاڙيءَ ۾ ديش پتا
مهاتما گانڌيءَ جي شهيديءَ جي خبر ٻڌي هاهاڪار
مچي ويو. منهنجي پتيءَ ته روئي ڪٽي رڄ پورا. هو
ايڏو دکي ۽ اداس ٿيو جو نيٺ سنڌ ڇڏڻ جي
منهنجي ڳالهه مڃيائين، جيئن ٽيڪ سنڌس ساهيڙيءَ
اڃا نه لڌو هو. تڏهن خوشي ٿيم ۽ من کي به شانتي
آئي. ليڪن عجب ته جڏهن اڏي تي وياسين، تڏهن

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

هوءَ مدهجي پٽيءَ سان ملڻ آئي ته دل ۾ ڏاڍيل حسد
جاڳي اٿيس. ڪلهدي چيائيمر، "هن پيڻ کي ٻـ گڏ
نڪا وٺي هلو." تـ مون ٻورو ڪيڪاريومانس ٻه ڪوڻ.
ويٺو جو ٻڌهجي دوست کـــي انگريزيءَ ۾ چيائين،
"مونکي وساري ته نه ڇڏيندين" ته ٻوسرجـي واس.
جيئوٽيڪ اهڙي نموني مدهجي پٽيءَ جي دوستن ٻه
مون سان انهن ٻڌهجائپ سان ڳالهايو هو، ٻر هنڪي
ته ان تي ڪڏهن ٻه حسد نه ٿيو هو. اڄ ٻه هن پاڇيءَ
واريءَ جـي گفتار ان نظاري کـي من جي پردي تي
زنده ڪري ٻيهاريو آهي.

...اسين ٻمبئيءَ ڏانهن روانـــا ٿـيڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾
آياسين. اتي پٽيءَ جـا ڪي مسلم دوست موڪلائڻ
آيـا. هـن پيل گلي سان ور ور ڪري چيو، "امڙ
سنڌڙيءَ کي نه وسارجو." مدهجي پٽيءَ ٻه موڪلائيندي
چيو، "دعا ڪجو ته هتي امڙ وٽ جلد موٽي اچون."
مون کي هن جي اها ڳالهه اصل نه وڻي ته ڇوماڻس
"هاڻي هتي ڪهڙو مٽ مائٽ ويٺو آهي، جنهن وٽ موٽي
اچبو؟ اڃا تازي شادي ڪئي اٿو. پتنيءَ جي فرض
پالڻ لاءِ ڪو خيال اٿو يـا نه؟" ڏاڍي ٻابوهه مـــان
چيائين، "هتي ڏنڻ ڪوڻ ته تنهنجو خيال اهڙو رکيم
جو ماءُ وٽان، جوءِ جـر مڃوءَ جو لقب مليم. سندس
لڏي وڃڻ کانپوءِ ٻـــ خبر نه رکيم ته گهر وارا هاڻي

ڪٿي آهن؟" مون ٻـه ڪيس چيو، "اِئين نه هٿيالو
ڀڄڻ بعد مون ۾ مائٽن کي وساري ڇڏيو آهي."

اسين جڏهن بمبئي جهڙي اجگر شهر ۾ پهتاسين
ته اڳ آءِ سنڌي ڏاڍو دربدر هئا. الاجي ڪيترو
وقت کليل آسمان هيٺ گهارڻو پيو. ان بعد ڪلياڻ
ڪئمپ جي بئرڪن ۾ گهوڙن جا پڙدا ڏيئي به رهڻو
پيو. ڪڏهن ٽين جي لٽل ڇتين هيٺ ته ڪڏهن
چوماسي ۾ وهندڙ ڇتين هيٺ به سمهڻو پوندو هو.
روزگار لاءِ ڀٽڪڻ ٻارن تي ڀاڙيندي به مڪاني ماڻهن
جون ملامتون پئي سهيون هيون. اهڙي مصيبت
جي وقت سنڌ ۾ ڪشادن ڪمرن ۽ وڏن آڳنن
وارن هوادار گهرن ۾ گهاريل سکي ۽ ساهتڪي جيوت
ڏاڍي ياد پوندي هئي ۽ قدر ٿيندو هو. سچ پچ وٿ
وڃائڻ بعد ئي ان جو قدر پوندو آهي، جيئن سنڌ وارن
کي به اسانجو هاڻ قدر ٿيو آهي.

اسين ڪئمپ ڇڏي اچي بمبئيءَ جي پسگردائيءَ
۾ رهياسين. ٻن ٽن سالن ۾ ٿــي ٻن مان چار ٿــي
وياسين. منهنجو سڄو وقت گهر ۾ ڌيءُ ۽ پٽ جي
پالڻ نپائڻ ۾ ئي ٿي ويو. انڪري پتيءَ به نوڪري
ڪرڻ لاءِ زور نه ڀريو. هاڻ ئي سڄو وقت آجوڪا لاءِ
ماستري ۽ ٽيوشن ۾ صرف ڪيائين. ٻه ڪڏهن به
ڪا ڇوڪري پتيءَ وٽ پڙهڻ ٽيوشن لاءِ ايندي ڪڏهن

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڪم لاءِ ايندي هئي ته هن جي سنڌ واري ساهيڙي
ٻڌائيندي هئي، جنهن جو ڪڏهن خط به
پيو ايندو هو. تڏهن منهنجي دل ۾ حسد جاڳي اٿندو
هو. انڪري گهر ۾ ڪٿ ٻست پيئي ڳلندي هئي.
ڌيءَ وڏي ٿيڻ لڳي ته جو ۽ پٽ منهنجو طرف
وٺڻ لڳو. هڪ ڏينهن ٻمبئيءَ کان ٻاهر رهندڙ سنڌيءَ
جي گهر ۾ ڌيءَ جي شادي ٿي وئي، پر سکي ڏ.
هئي. پٽ به ڪاليج پڙهڻ سان گڏ نوڪري به ڪرڻ
لڳو. ڪاليج پورو ڪري سول مئرج ڪري ڪنوار
وٺي آيو. نه صلاح مصلحت ۽ نه سوڻ سان ڪيائين.
انڪري گهوٽ ڪلڪل وڌي وئي. پٽ منهنجي
پاسي هو، پر ننهن سهري جو پاسو کڻڻ لڳي ته
حسد جي باهه ڀڙڪي اٿي. وري حسد سان استري-
هٺ پانهن پهلي ٿيو ته پٽيءَ خلاف من مورو ٿي رهيو.
نيٺ هڪ ڏينهن هو اوچتو ٿي دل ٽٽڻ سبب
وڃي ساهين سڪالو ٿيو. تڏهن ننهن ان لاءِ ڪهڙو ٿي
ڏوهه ڏنم، پر حاسد ۽ هٺيلو من ميڙي ٿي ته. مُوڙ
ٻهوڙ ٿي پئي رهيس. پر آخر ٻاجهي پٽيءَ لاءِ گهر
کان ٻاهر نڪرڻو ٿي پيو ۽ ٻيڙليال جهان ڏسڻو ٿي
پيو، جڏهن جي هڪ مزدور جي زال ٻاجهيءَ واريءَ
جي صاف سٺن سچن ٻولن منهنجي حاسد ۽ هٺيلي
من کي شڪست ڏني آهي. (١٩٨٨)

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# ننڍڙڪو

اڄ پراڻي سال جو آخرين ڏينهن آهي. سياڻي نئين سال شروع ٿيڻ لاءِ خوب رهي ڇهه لڳي ويٺي آهي. اسانجي پاڙي ۾ خاص رونق آهي، جو پاسي ۾ ديول آهي ته وڏهو مندر آهي ۽ ٿورو پري مسجد به آهي. سچ پچ سهڻون ۽ ڌرمي ميلاپ جو نظارو آهي. رستن تي پاڻمڻ پاڻمڻ جا ماڻهو ڏسبا ٿي آهن، پر ديول جي سامهون واري بس اسٽاپ تي ته ميڙو معمول هوندو آهي. اڄ ته اُتي جڻ نماءُ آهي. چهڪ ڏهڪ جي خوب چمڪيٽي آهي. سڀ زالون مرد هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش پيا ڪن. مان آفيس ۾ وڃڻ لاءِ ان ئي بس اسٽاپ تان روز چڙهندو آهيان. مون سان گڏ ديس پرديس جا اللاهي ڪهڙي ڪهڙي جاءِ، ڌرم ۽ ٻوليءَ وارا به چڙهندا آهن. بس ۾ اڳو لڳو وهڻ ۽ بيهڻ ۾ هو سڀ پيڊ پاو وساري رڳو منزل تي پهچڻ لاءِ منتظر هوندا آهن. پر ممبئي جو هي بس اسٽاپ ڪن لاءِ رومانس جا روح-رهاڻ ڪرڻ، ڪن لاءِ بزنس سينٽر ۽ ڪن لاءِ ميٽنگ

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

پلئس يا ٽائم پاس ڪرڻ جو ڏاڍو اڪائو به آهي.

اڄ ١٩٩٠ سال جي آخري ڏينهن شام جو آفيس مان موٽڻ تي هڪ دوست راڪ ۽ رول پارٽيءَ ۾ وٺي هلڻ لاءِ زور ڀريو آهي. مان هن بس اسٽاپ تي ساڻس ملڻ لاءِ بيٺو آهيان. رکي رکي منهنجي نظر ڊبل ۾ ويندڙ ۽ ٻاهر نڪرندڙ ماڻهن کي ڏسندي مٿي گنبد وٽ لڳل عيسائي جي سفيد صليب (ڪراس) تي پئجي ٿي. الاهي ڇو ڪڏهن انتظار جو وقت ڪنهن صليب تي چڙهڻ جيئو ڀاسندو آهي. اڄ بس ۾ ڪجهه وڌيڪ رش آهي. ان ڪري شايد دوست دير ڪئي آهي. نيٺ دوست آيو ته انتظار به پورو ٿيو.

مان دوست سان گڏ بس لاءِ قطار ۾ بيهڻ لاءِ اڳتي وڌيس ته سامهون اسانجي پاڙي جو بزرگ سعيد وارن، مڇن ۽ ڪڙن وارو هٿ ۾ سفيد ڳوٿري ۽ ڪڇ ۾ سفيد ننڍي زناني جتي جهلي اچي بيٺو. مونکي مرڪي هي بيت گڻگڻايائين:

”پتڙ ٿو ڇا ڪن ڏيو نه ڏسن ڏينهن ۾،
مورک ڪين ڏسن سامهي سورج کي.“

مونکي ان ساميءَ جي سلوڪ پٺيان هن جو ڪو درد اڪيلو نظر آيو ۽ هي پوڙهن ٻڍن سال وارو صليب پاسو لڳو، جنهن کي ڇٽ ڪلن ۽ ڪوڪن

سان لوڪي لوڪي ڪنو وٺو ھجي. انهڪري چوندو ھجي ”ٻڌو ٻوچا ڪن، ڏنو نه ڏسن ڏٺو ۽...“

ڪاڪي مونکان ڪلهدي پڇيو، ”ڇــورا ڪهڙي چوخ شماري (شغل) ٿي سنيوري هليو آهين؟“

”هيمڪو نه آفيس وڃان ٿو. شام جو مونکي هڪ دوست پراڻي سال جي الوداعي پارٽي ۾ راڳ ۽ رول ڊانس ڏيکاريندو. اها ٿيندي چوخ شماري.“

منهنجي دوست ۾ ڪجهه مذاق ڪندي چيس، ”ڪاڪا توهين نه ڪرسمس وارا اصل سفيد سانتا ڪلاز جهڙا پيا لڳو.“

ڪاڪي ڏکاري شڪايتي نـوع ۾ چيو، ”ڇورا پنهنجي سپيتا، سنسڪرتي، مان مرياد وساري ڌاري انگريزي سڀيتا جا غلام ٿي ويـــا آهيو ۽ ڪرسمس، سانتا ڪلاز ۽ راڳ ۽ رول ڪي ڳلي لڳائي ويٺا آهيو. اسين لوهالجي عمر ۾ سنڌ ۾ هن سماري جــــي مند ۾ لال لولـــي، اُترائڻ جهڙا پنهنجا ڏڻ وار ملهائيندا هئاسين. جهمر، هو جمالو جا نـــاچ ۽ پڳهون ڏسندا هئاسين ۽ سنڌي ڪلامن، ڳائڻن جا پروگرام ڪندا هئاسين. ڇا نه پيار ۽ پنهنجائپ هئي! هتي نه رهي پنهنجائي، نه وفائي ۽ نه سچائي؛ ڌارين ٻوليءَ جو ڪو اهڙو پڄ ڇليو جو وڃي ٿو وڌاءَ وٺندو.“

مون چيو، ”ٻر ڪاڪا، لوهاڻي جي گهر وارا به
اسان وانگر ئي آهن نه.“

ڪاڪي ڏاڍي ڏک مان چيو، ”پٽ، اهي ئي
نه رهيا آهن نه. هتي ئي اسٽاپ لڳي پيءِ بس لاءِ
منهنجي ڪـــاڻاڻو نعيدي ذيءَ آفيس ۾ وڃڻ لاءِ هڪ
هزار رپين جي نئين انگريزي فراڪ ۾ ڏسندي، تـــه
اڳيان ٻئي اسٽاپ تي وري سندس ماءُ ڪنهن ڪٽي
پارٽيءَ لاءِ چٽڄي ڏکجي سنهري ٻيلي ڏسندي. گهر
۾ وڏو پٽ پنهنجيءَ جالــيءَ ۾ شادي ڪري ٻڌائيندو
مانائيندو گهر وارو ليڪ ٻڌران، آفيس کولي ويٺو الاجي
ڪهڙا کيل کيلي! بس پاڻ نه هن ٻراڻي سال وانـگر
وڃڻ وارا ئي آهيون.“ چونـدي وري سامهيءَ جـــو
سلوڪ اُچاريندو ويو:

”پڙو پوڄا ڪن ڏيو نه ڏسن ڏينهن ۾...“

مون دوست کي چيو ته هن ڪاڪي جي حياتي
اصل نندڙڪي اٿيئي. روز صبح جو هو گهر مان هن
ساڳي ڳوٺڙيءَ ۾ روٽي وجهي نڪرندو آهي. هتي ۾
هر موسم ۾ اُس لـوڙي ميدهن کـــان بچڻ لاءِ ڇپري
هوندي اٿس. سڄو ڏينهن ڪڏهن ڪنهن بس اسٽاپ
تي ته ڪڏهن ڪهڙي هنڌ پنهنجي وقت گذاريندو آهي
۽ پوءِ ڪنهن هوٽل ۾ وڃي ڳوٺڙي کـــولي منجهند
جـي روٽـــي ڪيڏي کائيندو آهـــي. انهن ٻڌڪندو

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

پڻ ڪندو ڏيڻ ٻراي مهل گهر موٽندو آهي. رات جو
جهڙي ٿهڙي ماني کائي ننڊ ۾ ٻالڪن ۾ سمهندو
آهي. ٻاڙي ۾ رهندي ڪن کي ته ائين به چوندو ٻڌو
اٿم تہ جنهن اولاد کي پيسن ڪاڪي خوب
ڪشالا ڪري پاليو ٿاتيو سو اڄ ڪهڙو نہ نمڪحرام
آهي جو وچاري کي پيري ۾ هيڻن ڏکن ۾ وڌو
آهي."

منهنجي دوست چيو، "يار نئون زمانو آهي،
ڪنهن کي ڪهڙن ڏوهہ ڏجي. هر ڪنهن کي پنهنجو
صليب پاڻ کڻي هلڻو آهي."

مون چيو، "منهنجو پيءُ جڏهن سعد ۽ ڪاڪي
سان گڏ پڙهيو هو ۽ دوست هوس، سو ڳالهہ ڪندو
آهي تہ ڪاڪو ڏاڍو ودوان، وڏي دل وارو ۽ آزاد
خيال هوندو هو. زال توڙي ٻارن کي خوب آزادي
ڏني هئائين. منهنجو پيءُ چوندو هوس تہ ڏيان رکہ
گهڻي آزادي بربادي نہ ٿئي پوي. ڪجهہ انتظام ۽
ضابطو رکہ. بابو چوندو آهي تہ هنهنجي جنم ڀومي
سعد ۾ پنهنجن ماڻهن ۾ اهڙي آزادي ۽ آزاد -
خيالي هلي وينديهئي، پر هتي اڻاهہ اجنبي واتاو-
معدل ۾ هڪ ڪاڪو ئي پر هنهنجي سڄي جالي ئي
نعدڪي تي وئي آهي..."

"چڱو هاڻي اٿي هل، تنهنجي اس اچي ٿي
پيئي. جلدي ڪر." دوست چئي ڏونڊاڙي ڇيو.
مون ڪان فقط هي لفظ "يار . تـــون وڃ، ٻاڪي
پُرسن ڪاڪي جي حالت اچ ڏاڍو ڏکي ڪيو آهي
۽ افيس وچڙ تي دل اٿي ٿئي."

"آهه پٽو ٻوڇا ڪن. ديو نـــ ڏسن ڏيهه ۾ .."

"چڱو يار، هاڻ ته وڃان ٿو، تون ان نڌڻڪي
ڪاڪي تي ٻلي ٻيو ڳوڙها ڳــار" چوندو منهنجو
دوست بس ۾ چڙهي ويو.
(١٩٨٩)

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# ٻه ساهيڙيون

"اَبا، ڏيڏي سڙي وئي ...
اَلا، ڏيڏي جلي وئي ...
اَبا ڏيڏي ٻڏري وئي ..."

مان هي ٻي سرو سوگم ٻڌي ڪمري ڪان ٻاهر آڱڻ ۾ آيس ته ڏٺم منهنجي ڀيڻ جي ساهيڙي ڪملا مونکان هٽ ٻاهٺ ٻچي، باٿ روم ٻاهران بيهي ڪلي چئي رهي هئي، "اَبا ڏيڏي جلي وئي..." مونکي اهو ٻڌي سمجهڻ ۾ ويرم نه لڳي ته ڪملا اهو سڀ ڪجهه ٻڌهنجي ساهيڙيءَ ۽ منهنجي ڀيڻ وندريءَ کي چيڙائڻ ۽ ساڙڻ لاءِ چئي رهي هئي، جيڪا سالس ڪڏ آديس ۾ نوڪري ڪندڙ آهي ۽ هوءَ اڄ جلدي موڪل وٺي آئي هئي.

ڪملا کان پڇيم، "اڙي هيءَ وري ڪهڙي لعو-لباڙيءَ جو فنڪشن ڪيو اٿو؟ ٻڌاءِ ڇا ٿيو آهي؟" ڪلي چيائين، "ڏيڏي ٻاهر نڪري آ ـــ ٻڌايان ٿي."

ايتري ۾ وندري باٿ روم مان نڪتي ـــ ڪملا

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

سوپ پاتال سو رهيا، سپاهيءَ وانگر فلڪ سان چيو،
”ڊيڊي، ڊيڊي اڄ ڪنهن ڪمال ڪري ڇڏيو،
اصل ڳالهه ئي نه پڇو.“

وندري بت ٺهي ٻڌي رهي. مون پڇيو، ”ڪهڙو ڪمال ٿيو؟“ ته چيائين، ”ڊيڊي، ڪنهن چيو ته تون اڄ وندري کان وڌيڪ ٺهڻي ٿي ... اصل ٻوٽي ڪنهن ٿي لڳين ... ايترا ڏينهن سڙي وئي ... جلي ...“ ڪملا وڌيڪ ڪجهه چوي ٿي چوي تنهن کان اڳ اکين مان آڳ جا اُلا وسائيندڙ وندريءَ کيس وارن کان ائين جهليس جئن ڪا ٻلي پنهنجي شڪار ڪوئي کي پڪڙيندي آهي. هوءَ سندس پيرن کان پڪڙيندي لوڏائي چيائينس، ”هان، ٻڌ، ڪاري ڪنهن چيو آهي ته تون ٻوٽي ڪنهن آهين؟ تون مون کي اهو ٻڌائي ساڙڻ جلائڻ آئين آهين، ڏسج ته سڀاڻي آفيس ۾ ڪنهن ٿي لاڪ لاهيانس.“

ڪملا ۽ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ وندريءَ جا پيرا ڀريا. مون پڇڻ کي چيو، ”ڇڏينس. ٻئي ساهيڙيون آهيو ڪي ويڙهاٽيون، جو هنن پيرا پڪڙڻ وٺيون آهيو؟“

پر وندريءَ ساهيڙيءَ کي ساڙڻ لاءِ چيڙائي چيو، ”سو تون هاڻي منهنجي ڪنهن جي ڪٿين ٿي ٺهجين!“

مون وندريءَ جو هٿ ڪملا جي وارن کان ڇڏائڻ

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

لاءِ چيو، ”چڱيس تہ ڪتي پاڃارڻ نہ اچي توهانجو
هي تماشو ڏسي، شرمائيم. شڪر آهي جو هوءَ اجا
ننڍڙي گهوٽ موٽي نہ آهي. جي اچي ها تہ هوندي.
ڪالهہ بہ تنهنجي شاديءَ لاءِ آنا ڪاني ڪرڻ ۽ ماڻهن
ڏوري هلڻ تي ڪافي ڪٿ پت ڪيائين. چوي ٿي
تہ توهانکي ڇهہ ست سال شادي ڪري ٿي ويا آهن
تہ بہ ٻارڙو من نہ سمجهيو اٿو. ٻہ ٽي سالن جي
ڏکهہ ٿي آهي، اجا گهر ۾ ٻچو ڪري ٻوڇڻو اٿو ڇا؟
اوڙي پاڙي ۾ ڳالهہ ٿي پيئي آهي“
وندريءَ مون ڏانهن ڏٺائين تہ ڏٺيئي ساهيڙيءَ جا
پيرا چڙي ڏمڪ سان پڇيس، ”ڪنهن توکي ڪمڙي
مهل چيو تہ تون ٻوڙي ڪٿين آهين؟“
ڪملا سمجهي چيو، ”تون اج آءُ مان لنچ
کان ٿورو اڳي موڪل وٺي وڃينءَ تہ ڪنهن ڪکٽين
۾ هلي لنچ کارائي...“ ڪملا ونڌڪ ڳالهايو ٿي ۽
وندري چيو ڪي انهن جهلي بيٺي تہ جڏ اڃا ٿي
ساهيڙيءَ جو ٻيٽ ڦاڙي لنچ ڪٿيس ٻاهر. ٻہ ٻوءَ
ٻري ٿي پڇيائينس، ”ها ٻوءِ ڇا ٿيو؟“ ڪملا
سمجهي ڪهڙي نہ ڪئي تہ وندريءَ واڪو ڪري
چيس، ”جلدي چئو؟“
ڪملا چيو، ”لنچ کائيندي ڳوڙهي ڇيائين:
ڪملي تون اج وندريءَ کان بہ وڌيڪ ٿي رئيم. اصل

ٻولي ڪٿين...“

ونڊريءَ وچ ۾ ٽوڪي ڳالهه ڪئيس، ”واهه، ڪيئي
جي ڪٿين ڪملا بائي، اوهين هميشه ساراهه ڪڍي ايڏي
توري ۽ تڙپ پيٽي آهين جو خاص مولڪي ساڙهن جلائڻ
لاءِ منهنجي گهر اچي راڪ ۽ رول ڪيو اٿيئي ۽ مون
بيحال بدن کي بيمار ڪيو اٿيئي. ٻر ٽوڪي سڌ آهي
ته ٽورا ڏينهن اڳ مونکي ڪهڙي ڇا ٿيو هو؟ ڇي:
پاڻ ته پاڻي ڪلاڪن طبعيت جا آهيون، سونهن جا
سودائي، اسين ڪڏهن سهڻيءَ جا ئي ميهار ٿيا سين.
ان ئي مون مذاق اڏائيندي چيومانس: ڪارا ڪميا،
شڪل ڏسي اٿيئي؟ ڪهڙي سهڻي، انهيءَ لاءِ
ڪارن ڪمن ۾ ڪاهي پوندي؟ اڄ راڌا ڪرشن جو
ــــ زمانو ناهي. سو ڪملا بائي، منهنجي ان مذاق
ڪميءَ جا ڪپات ئي کولي ڇڏيا تا ڏسجن جو لوڪي
سهڻي ڪري ڦاسائڻ لاءِ ساراهه جو سانگ رچايو اٿس.
اوهين به اهو سانگ نه سمجهي آئي آهين منهنجو حسد
جاڳائي جلائڻ مان به ڏسان ته ڪٿي تون اهو ڪارو
ڪميو لوڪي پنهنجي راڌا راڻي بڻائي.“ چوندي
چوندي ونڊريءَ جو من ڀرجي آيو ۽ هوءَ لڪڙي
اندر ڪمري ۾ هلي وئي.

مون ڪملا کي چيو، ”لوڪو سوچيو ته ونڊري
لوڪان ٻه ٽي سال وڏي پڻ ڇهڙي ڏسندي آهي،

اُنهن کي هيءُ ڄاڻايو ڇڏيائون آهي؟ توکي ياد آهي
آهي ته هن پاڻ ايم-اي جو امتحان نه ڏنئي، اُنجي
في به توکي ڏني ته جيئن تون بي-اي جي في ڀري
امتحان ڏئي سگهين. هن اڄ تائين ايم-اي جو امتحان
نه ڏنو جو کيس جلدي نوڪري ملي ويئي ۽ توکي
بي-اي پاس ڪرڻ تي پنهنجي آفيس ۾ نوڪري
وٺي ڏنائين. توکي اهڙي ساٿڻ مددگار ڏيندي جهڙي
ساهيڙيءَ سان ڪيئن ايترو حسد ۽ ساڙ ٿيو!“

”اڄڪلهه، اٿين ته ونديءَ به مون سان حسد ساڙ
نه ڪيو آهي ڇا؟ منهنجي ٻواءِ فرينڊ جو مون سان
پيار ڏسي هن سان تمام فري ٿي فلرٽ ڪيائين ۽
ناز نخرن سان اهڙو هرڪائڻ لڳس جو هو مونکان ٿي
منهن موڙڻ لڳو.“ ڪملا چيو.

”سو ته چڱو اڄ بدلو ورتئي، پر ڏسنءِ ڪهڙي نه
دکي ٿي ويٺي ونديءَ.“

”توهانکي سڌ ناهي منهنجي ٻواءِ فرينڊ سان فلرٽ
ڪرڻ مهل منهنجي به ڪهڙي نه دکي حالت ٿي هئي ۽
ونديءَ جي ان ٻواءِ فرينڊ کسئي ئي منهنجي دل
وٺي دک دور ڪيو.“

اهو ٻڌي ۽ ڪملا جي ڪيسي لاءِ همدردي ڏسي،
مون کان ٽهڪ نڪري ويو. چيم، ”چوريون توهين
ٻئي ڪاليج پڙهيل ته ڏاڍيون ماڊرن ۽ فارورڊ سڏائڻ

جون ٻڌاڪون هٿڪنديون آهيو. مردن سان برابري ۽ آزاديءَ جا دم ڀريندئون آهيو، پوءِ جي ڪو ڪنوارو مرد ڪنهن ڪنواري ساهيڙيءَ کي وڻي ٿو ۽ موهيس ٿو ته ٻي ساهيڙيءَ کي ان تي حسد ۽ جلن ڇو ٿي ٿئي، خاص ڪري جڏهن اها هنجي دشمن نه پاڻ سچي ۽ ساهيڙي آهي. ٻي ساهيڙي به فوري ۽ فارورڊ سڏائيندڙ آهي ته اها ڪنهن ٻئي مرد کي موهي، انجو پيار هٿ ڪرڻ لاءِ آزاد آهي. هڪ ئي مرد تي ٻه ٻه ساهيڙيون ڇو ٿيون مرو؟"

"انڪل اسانکان الاهي ائين ڇو ٿو ٿئي؟ اسين جنهن پوش کي پيار ڪريون ٿيون تنهن جو سمورو سنيهه پاڻ لاءِ ئي چاهيون ٿيون، پوءِ پڻ ته هو ڪنهن اسان جي سچي ساهيڙيءَ ته ڇا اصل اسانجي سڳي ڀيڻ لاءِ به اهو ڏيکاريندو ته حسد پيو ٿيندو آهي. الاجي ڪهڙو آهي اسان جو من!"

مون چيو، "توهان فارورڊ ۽ ماڊرن ڇوڪرين جو به اهڙو من آهي ته پوءِ مان وچاري شرامتي کي ڪهڙو ڏوهه ڏيان؟ سچ چوندي اٿم ته توهين مرد، زال جو من ڪٿا ڄاڻو."

ايتري ۾ سامهون پيڪڙيل در کولي اندر شرامتي ڏٺم جنهن مهنجا پويان لفظ ٻڌي چيو ته "اها وري ڪير آندي اٿو جا ٿي چوي زال جو من ڪٿا سمجهو.

اصل در کي ڪڙو ٻہ ھيٺ وسوي ويو اڙو.“

مون ھڪو ٻڪو ٿي چيو، ”اڙي ھيءَ تنھنجي نوان وندريءَ جي ساھيڙي ڪملا آھي. ھتي گرائونڊ فلور تي توھان جي ساھيڙين جي اچ وڃ ڪٿي ٿي در تي ڪڙو ھڻي ڏئي.“

”اڇا، سو اچ سليوليس فراڪ ۽ مڏيءَ ۾ لڪ اصل مئدم پيٺي لڳي.“ ڪلھي ڪان وٺي چيائينس: ڪٿن ڙي ڪملي، ھين اَڪل سان اچ ڪا ڏيت (Date) الميي چا؟“

”آنٽي، ھي چا پيا چئو؟“ ڪملا ڪبندي چيو ۽ شرمئي شوڪي چيس، ”چوري توھان جي ماڊرن ٻولي ٿي ٻوليان نہ. نوانم وندريءَ کي ٻہ ڪاري ٻوھر ڪيو اٿيئي. شادي کان نعواڪو واري وٺي آھي. چوي ٿي تہ آزاد پکي آھيان. مان تہ اچ بہ ھن لاءِ پڙھيل ڳڙھيل ٻڌائتو گھرائتو ڇوڪرو ڏسي آئي آھيان. ھڄي ھا سرگيا ٽلي سس حياتي تہ مان چئل ھجان ھا.“

مون چيو، ”اندر ويٺي اٿيئي، وڃي دل وليس. ڪملا سان ڪٿ ٻت ٿيس. اٿي چون آزاد پکي آھيون تہ اٿي ٿي پئون حسد ڪري ٻئي ھڪ مرد ٿي مون“ اندر وٺئي تہ ڪملا انين اٿي پکي جيئن ڪاريءَ ھيئان ڪانءَ.

(١٩٩٠)

# ٺڪڙ ٺاڙ

در تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ ساڳ ساڳ ڪاٺ جي ڪاڏڙ
آواز ٻڌم: ”ڏيڏي، او ڏيڏي! در لاهه. ڪمال ٿي
ويو يار.“ پوءِ ته هئا ”ٻڌا“ ٺهڪ.

ڪن رکي وري ٺڪ ٺڪ سان گڏ کلڪي پيو آواز
ٿيو، ”اڙي ڏيڏي جهٽ ڪر، در کول، ڇاڪاڻ تماشو
ٿيو، ٻڌندينءَ ته کلي کلي ڪٺو ٿيندينءَ.“

وري زور سان ٺڪ ٺڪ سان گڏ آواز ٿيو، آئون،
”ڏيڏي ايڏي دير! ڇا جيجاجيءَ سان رومانس پيو
هلي، ڪين حال ڪارائي مونو ڪيو اٿس جو ٻڪ
ٻڪ ڪري ٿي هلين؟“

مونکي پڪساهي ٺڪ ٺڪ، ڪاڪو ۽ در کولڻ لاءِ
سڏ ٻڌي لڳو ته سچ پچ ڪو ٺاٺڪ ٿي رهيو آهي.
جيئن ئي ٺڪڙ ٺڪڙ ڪڙو لاٿم ته در کلڻ سان گڏ
هوءَ ڏون اچي اندر پيئي. پوس ڇڏائجي ويس.
منهنجيءَ ٻانهن سندس چهرو فرش کي چمڻ کان
بچائي ورتو. هوءَ ان کي جهلي اٿي بيٺي. منهنجيءَ
کي ڇنڊ ڇنڊي چيائين، ”جيجاجي، ڏيڏي ڪانهي ڇا؟“

ڪيس ٻرس ڏيندي مشڪي چيم، ”اڙي ڏاڏيءَ جي سياڻي ساهيڙي، ڇوءِ ڇڄي ها ته ڏنهنجو چالاڪ سچاتل، سولو ۽ نخريلو آواز ٻڌي مونکي ڊر لاهڻ ڏئي ها جا؟“

”ٻڙا، ٻو توهان کي ڇڏي ڪيڏانهن ويٺي آهي؟ ٻاهر ٻس اسٽاپ تي چا ته ڊرامو ٿـي ويو!“ چوندي هٿن ٻانهن سان گويا پارٽ ڪيم نـاچ ڪندي هوءَ کلڻ لڳي.

”اڇا!“ مان جيئن عجب کـان، ليڪن هوءَ وچي چوندي ”اصل ٿي. ويءَ جهڙو نڪڙ کيل ٿـي ويو. ڏيندي ٻڌي خوش ٿيندي.“

چيم، ”ڏنهنجي ڏاڏي ته پـاڙي ۾ ويٺي آهي؛ اچي ويندي، تون هلي ڪمري ۾ ويهه. مان چانهه ٺاهڻ رکي آئو آهيان.“ چوندو رنـڌڻي ڏانهن ويس. آئي آڌيس مان موٽڻ تي پڌهنجي لاءِ چانهه پٽي لاهيم.

هن ٻنيان ايندي چيو، ”چا توهين رنڌڻي ۾ چانهه ٻ ٺاهڻ ويندا آهيو؟ اهو رڌڻ ته اسان جي لئي ماڻائي آهي نـه.“ هوءَ ائين کلڻ لڳي جڻ ڏاڍي همدردي ٿي ڏيکاريائين.

مون فلڪ سان چيومانس، ”چانهه نـاهڻ، ڪهڙو ٻيماري جو ڪم آهي. ڪمري ۾ هلي ويهه، ته چانهه جهٽ ڪٽي ٿو اچان.“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ڪمري ۾ وڃي ويٺي ته مون چانهه ۽ بسڪيٽ
ڪڍي اچي ميز تي رکيا. مان اچان وينس ته مس ته
چيائين، ”منهنجو رئيسزادو پاڻ اهڙو ٽوٽ ٽپالي آئو
جو جوءِ کان سکجهه اصل ٿوريءَ تي بهشت گهري.
الاجي ڪهڙا طرح طرح جا طعام تيار ڪرڻ جو فرمان
ڪندو اٿس.“

”بمبئي ۾ اهڙا مرد بس آهن. خود منهنجا ڪي
واقفڪار نوڪري ڪندڙ زالن کان بس بورچاڻي جو
ڪم وٺن. مون منهنجي ليڊيءَ کان نوڪري نه
ڪرائي آهي. گهرجون گهٽ آهن. پاڻ سادو کائون،
سادو پايون ۽ سادو رهون.“

”ٻڌهن ته ليڊي به توهان جي آفيس مان موٽڻ
تي به گهر چڙهي آزاديءَ سان بيٺي گهمي ڦري نه.“

”انڪري ئي ٻاڙي جي ڌارين ۾ به ٺالو اٿس.
ڪي هن جو ايڏو گهمڻ ڦرڻ ڏسي چون: سنڌي
ليڊي از آلويز آن ٽوئر.“

”واهه، واهه، سدائين هيءَ ئي گشت ڪري.“
چوندي اچي هوءَ ٽهڪن ۾ پيئي. پر يڪدم چيائين،
”سچ! مسخري ته نٿا ڪريو؟ واهه، سنڌي ليڊي از
آلويز آن ٽوئر.“ (Sindhi Lady is always on Tour)

”مون ته سچ ئي چئي ڳالهايو آهي، هوءَ پل تـ

اُهو سڄ ڪڏهن ڪي مرچ چوڻ لڳي. تون جو چوندي آهين - ڦڪڙ ڦاڙ ٻـي ٻاڪ آهن. چڱو هاڻي چانهه پيءُ."

هن چانهه جا ٻه ٽي ڍڪ ڀريا ۽ مون ڪوپ خالي ڪري ڇڏيو. چيائين، "انڪل چانهه اصل اي-ڪن لاهي اٿو."

ڪلي چيم، "اڇا ٻه جي تون پنهنجي ڏيڏيءَ وانگر گرم گرم پي ها ۽ ٻڌل اي-ڪن لڳيئي ها."

"هاڻ ٻه سڄ پڇ ڏاڍي سوادي آهي." کلندي چيائين. "اسانجي ماناپلي ٽوڙي اٿو."

مون چيو، "ڇوري، اها مدهنجي ساراهه پنهنجي ڏيڏيءَ اڳيان اصل نه ڪجهه، نه ته هن گهر ۾ گهڙڻ لئي هوءَ اوتي ڪرفيو لڳائي ڇڏيندي."

"ڇا؟ ڪرفيو!" چوندي ويٺي کل ۾ ٻيڻي ٿيندي. "واهه انڪل!! سڄ چيو اٿو. زناني سانڪالاجي چڱي سڃاڻي اٿو." ڇوڻ بعد وري کلڻ روڪيائين.

مون چيو، "اڄ سيمڙي پڇو پوري ڪريان. اُن مان اڄ عرصو تنهنجي ڏيڏي ۽ ٻن ٻارن کي ڏيندي ڇا گهڻ سور سٺا هوندم؟ پوءِ ٻه ٽي سال ته سس (ڏيڏي) ۽ ننهن جي سانڪالاجي ٻه سمجهيم. تنهنجي ڏيڏي وڃاريءَ جيهن سڪيلڌي پٽ لاءِ ساهه، ٽي ڏنو، سو لوڦڙائج ڪري انهن ڇڏي جدا وڃي ويٺو

۽ ٻين ڪن سان گڏ نہ رهڻ ۽ نہ منهنجي جوڙ جهڙو گڏ رهيٺي. اهو ٻڌي خوب ٻاڪاريائين، جتي منهنجي ماءُ بہ اسانجي جدا رهڻ لاءِ راضي هو. هاڻي ننڍي ڏيءُ ٻہ ساهہ اٿس، وڃي هوندي ڪيس اسڪول مان وٺڻ. اڙي، ٻڌو ٻوڪان ٻس اسٽاپ جهڙو نانڪ ٻڌائڻ وڃي ويو ڇا؟ ها، ڇا جي ڪري در ٿي اڪ اڪ جي ڏمال مچايئہ؟"

"توهانجي ڳالهين ۾ اهو ناٽڪ ٻرابر وڃي ويو. ها ٻڌو. آفيس مان اُٺي ٽٽل مونڊي رش واري ٽوپن مان لهي گهر پهچڻ ڪرڻ جڻ سوڙي لڳندو آهي. ان ڪري اٺان ٻس ڪٽندي آهيان. اڄ بہ هڪ مرهٽي ساهيڙي ڪلارڪ سان گڏ اچي ٻس لاءِ بيٺس. قطار ۾ اڳيان نہ ماڻهو ٿورا هئا، هڪ سفيد وارن وارو اڇين ڪپڙن ۾ بزرگ بيٺو هو، هن جي هڪ پاسي هڪ زال هئي نہ ٻئي پاسي جوان ڇوڪري بيٺي هئي. اسين ٻئي هن سان گڏ اچي بيهونسين. اٽڪيرو ٻہ مڪاني جوان جي رستي جا روميو ٿي لڳا، سي آيا ۽ ٻهوسن کي ٻري ڌڪي اچي جوان ڇوڪريءَ سان بيٺا. هڪ جڻي ٻئي کي مڪاني ٻوليءَ ۾ چيو: هي سالو مهاڳارو (ٻڍو) اسان لاءِ ڪباب ۾ هڏي ٿيندو آهي. ان سان گڏ هن دوسمت کي جوان ڇوڪريءَ لاءِ بہ ڪجهہ هلڪڙو رومانٽڪ اظهار ڪيو نہ هن ٻاڻ

ٻنهين کي جڳهه ڏئي ان سان گڏ ويهاريائون. ان تي
روميو پڇندي ويو. چيائين: "هن ٻيڙيءَ ۾ هي ڇو رکيون
الاجي ڇا ٿيون ڏسڻ جو هن لاءِ ائين ٿو هلي ڪرڪيون؛
جڻ ڪو نٽرو (مڙس) آئين." منهنجي ساهيڙيءَ جو
ٻڌو سو ٻاهر ٿي ويٺي. تنهن ٻي ڏڙڪ ڏنس، "ها،
هي مهانڙو (ٻيڙو) اسانجو نٽرو (مڙس) لڳي. اسان
سان گڏ ويهندو. توهان نٽرو (مڙس) ٿيندائين؟"

"الا، آڪل، ڇوري ڇا ٿي چئي ٻي ٻاڪ اصل
ڦڪڙقاڙ هئي! اصل جهڙي آفت. ٻانهون ڪنهن ڪرانا
هٿن لاءِ تيار ٿي ويٺي. ويچاري ٻيڙي ڏکي ڪکڻ
چاهيو ٿي ته منهنجي ساهيڙيءَ چيس: "منهنجا ٻيءَ،
وڃو نه، ويهو. هي ڪجهه نه ڪري سگهندو. مان
منهن ڏيندس. ٻس ٻه جاڻ آڳي." ٻڌي ۾ ٻس لاءِ
ٻيا ته وڏيڪ ماڻهو اچي مڙيا.

"روميو جو دوست ڪراڙا واريءَ ڦڪڙ ڦاڙ جو
ڪالي روپ ڏسي روميو کي ٻانهن کان ڇڪيندو
قطار کان ٻاهر وٺي ويو. جيڪڏهن هو ٻچي ته وڃن
ها ته وڏو گوڙ ٿئي ها، ماڻهو ته پنهنجي نموني سان
چميڪوڙيون ڪرڻ لڳا. ٿورو پريان وڃي روميو ۽ سندس
دوست منهنجي ساهيڙيءَ ڏانهن ٻانهن سان اشارا
ڪري چوڻ لڳا؛ ڏسو، اي جوان ڪنواري لڙڪيان
ڪيتري ٻڌي لوڪ کي ٻچڙي ڀاڳتي ڦرلي هئن."

”آنڪل عجب اهو ته اتي ٻيا اڪثر مردن
ڦڪڙ ڦاڙ جي بي باڪائي ۽ بهادريءَ کي ڏاڍو
ساراهيو پئي، پر زالن مان ڪن ٻاڻ مهنجي ساهيڙيءَ
جي ڳالهه پئي ڪئي. هڪ مائيءَ ته روميو جا لفظ پڙهي
ڇڏي ڏنو: ”پراڻو پٽ، هڪ ڇوري ڪان مونکان نٿو
(مڙس) ڪسي وڃي آهي. اڃا ٻئي الاجي ڪيترن
ڳالهيون ٻڌان ها، پر بس اچي وئي.

”اسين پئي بس ۾ چڙهيونسين ۽ هن بزرگ کي
چاڙهڻ ۾ مدد ڪئيسين. هو اسان کان هڪ اسٽاپ
اڳي لٿو. مان اُن کان پوءِ ۽ مهنجي ساهيڙي
”ڦڪڙ ڦاڙ“ اُن بعد آخرين اسٽاپ تي لٿي. ڪيئن
آنڪل هي ئي. وي. ڦڪڙ ڇهڙو نانگ هو نه؟“

چيم، ”پراڻ، توهين مردن جي همت ۽ بهادريءَ
جي مانائتي نوڙي رهيون آهيو. تنهنجي ٻي باڪ
ڦڪڙ ڦاڙ کي سلام آهي.“

ڪلي چيائين، ”جڏهن توهان اسان جي زندگي جي
مانائتي ڏوڙي رهيا آهيو. اها ڦڪڙ ڦاڙ هتي پاسي
۾ ٿيسي ٿي رهي، ڪڏهن توهان وٽ وڃي ايندي
سانس ...“

هوءَ وڌيڪ ڪجهه ڳالهائي ٿي ڳالهائي اينري ۾
در تي نڪ لڪ ٿي. هن در کوليس ته سعدس ڏيڍيءَ
چيس ڪهڙيءَ ڦڪڙ ڦاڙ کي ڏي آئين؟ هيءُ هڪڙو

ٿي ڪافي آهي. تون ڪڏهن ٿــي شادي ڪرين؟ ماڻهين ٺٺي چيو، گهوٽ ڳولهيو اٿس.“ هوءَ ڪجهه جواب ڏئيس، اُن ڪان اڳ شرمائيءَ مون کــي چيو، ”تون پنهنجي لاڏلي کي ٻاهران ڪو رانديڪو ڪٺي، وٺي ڏيوس. مان ڪيس اسڪول ۾ وٺي ويس اٽڪري پئسا نه ڪيا هئم.“

مان ٻچيءَ کي ٻاهر وٺي ويس تـــه هوءَ دٻليءَ کي ٽڪڙ ٽاڙ جو ناٽڪ پڙهائڻ لڳي. (١٩٩١)

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# روشني موٽي آئي

گهگهو وڄيو. گهڙيءَ وڄندو رهيو. چوطرف سناٽو ڇانئجي ويو. سڀ ساز آواز گهٽجي ويا. سارو گوڙ شور بعد ٿي ويو. رات وڌيڪ گهري اونداهي ڀاسڻ لڳي. هتان هتان روشني، انڌڪار جي آغوش ۾ لڪڻ لاءِ ڊڪون پائيندي پڇندي ٿي وئي. موت جو ساهه انڌڪار جي آغوش مان نڪري اسان جي مڪان مٿان ڇانئجڻ لڳو. گهگهو وڄندو رهيو... ٻارهن گهڙين جي ماڻهن سان ڀريل اسان جو مڪان اڪڙو نڪڙو خالي ٿيڻ لڳو، جڻ ڪا ٻلهڪ پيئي هئي.

سچ ته ٻليڪ جي ۾ هٿ جاءِ ڪين هئي. هتي ته اوچتو ٿي اوچتو، انڌيءَ اونداهيءَ ۾ زمين دوز ٿيڻ لاءِ سڏ ٿيو هو. هيل تائين ته گهگهو فقط پورهيتن کي ڪارخاني ۾ ڪم تي چڙهڻ يا لهڻ جي اطلاع طور وڄندو هلدو هو. ليڪن اڄ هي گهگهو انسان ۽ انسان جي خلقيل خدائيءَ کي ختم ڪرڻ جي اطلاع لاءِ وڄيو هو.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايائين ته مون کي گهگهوءَ جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو.
جڏهن ٻيا ماڻهو گهگهوءَ جو آواز ٻڌي ڀڄندي بتيون
وساري ٻاهر نڪري آيا هئا، اتي مان پاڻ بتي ٻاري
پنهنجي ڪمري ۾ جاسوسي ناول پڙهڻ ويهي رهيو
هوس. منهنجن ڪنن کي ڪاغذ به چنبڙيل نه هئا،
الڪري هيٺ بيٺل ماڻهن جي ”بتي وسايو... بتي
ٻجهايو... لائيٽ آف...“ جهڙن آوازن جي ڏم مچي
وئي. ڪنجهندي ڪرڪندي پنهنجي وندر لاڪ
ڪري آئي بتي وسايم.

ڪمري ۾ هاڻي مڪمل اونده هئي. هٿوراڙون
هڻي وڃي دري کوليم. ٻاهر ڏٺم، هلڪي چانڊوڪيءَ
جي ساهي ۾، ماڻهن جو ميڙ بيٺو هو. سڀني اکيون
آسمان طرف کنيل هيون. موت جو هراس سڀني
چهرن تي ڇانيل هو. ننڍڙا ٻار مائرن جي جيءَ
سان جڙيل هئا. زالون پنهنجن پٽن ۽ پيئرن سان
لڳيون بيٺيون هيون. ائين پئي لڳو ڄڻ سڀ پٿر جا
پتلا هئا. وقت خود هڪ وڏو بت بڻجي بيهجي ويو
هو.

منهنجي بدن ۾ ڏڪڻي جو دورو تيز ٿي ويو. دل
گهٻرائجڻ لڳي. ڏاڍي ڏاڍي ڊپ جي لهر من اندر
سرنگهون هڻڻ لڳي. ان کان بچڻ لاءِ ڪمري ۾ تڪڙو
تڪڙو اچ وڃ ڪرڻ لڳس. الاجي ڇو محسوس ڪيم

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ته مون سان ڳڻ ڪو ٻيو ڇٽو به هلي رهيو آهي. ان ڏرم کي پورڻ لاءِ ٻانهون ڦهلائي ڇڪاس ڪيم. مگر ڪو هجي ته ملي؟ آئي سگهيمد ڪائم پر اڄ ان سان به پاڻ وندرائي نه سگهيس. وري اچي دريءَ وٽ ويٺس. ٻاهر هواس ڪجهه گهٽ ٿي لڳو ڇو ته ماڻهون ڳالهيون ٻولهيون به شروع ڪري ڇڏيون هيون.

ليڪن منهنجي من اندر ڊپ ڊڪون پائڻ لڳو. پاڻ تان عجب ٿي لڳو. هيل تائين ته ڪڏهن به ڪنهن جو به ڊپ نه ڪيو هوم. پيءُ ماءُ کي به اڪثر سڀ سڀي پڌائيندو رهيو هوس. هنن جو به ارواح مون تي هو ڪين. انڪري پڙهائڻ لاءِ ڪو خاص ڌيان نه ڏنائون. جڏهن ڇڪي مئٽرڪ پاس ڪئي هئم. آئيس پر ٻي دٻائيءَ ڪان مشهور هوس. نوڪريءَ لاءِ ڇڙهڻ ڪان پوءِ جلد ئي گهر کي تالانڊي ڏيئي اڪيلو رهڻ لڳس. جڏهن به مون سان ڪنهن نيڪر، نهن سان نوازڻ جي ڪوشش ڪئي ته مدجهانئس ڪانه. ڪا وڏ ڪڏي، ڪيس نڪرائي ڇڏيندو هوس. سچ ته ڪا چيز مونکي آخر پر نه ٿي آئي. هر ڪنهن جو مذاق اڏائڻ، هر ڪنهن سان وڙڪون ڪڍڻ، ڪنهن تي به وشواس نه ڪرڻ، منهنجو پيشو بڻجي ويو. دلي ٻادلي چوندو هوس ته هتي ڪير ڪنهنجو ساٿي ڪونهي، سڀ ماڻهو

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

آپسوارٿي آهن ... دوستن هڪ چٺو ڪڍي رکي.
مون پنهنجي ”cynic“ (ترش مزاج) هئا. مان به چوندو هوس ته
”ڏاڍو سٺو خطاب ڏنو اٿو.“ خوب ڪچهرون هلنديون
سڀئي ساڻهون کلندو رهندو هوس.

گهڻو وقت ڪان ڪي پهرين اڳ ٿي، دل منجهه
سرڪار جي ڏاڍا چوڙهه چڙهيل رهيو هوس جو آفيس،
سنيمائن، دوڪانن کي سوڀل بند ڪرڻ جا ڪٺي
آرڊر ڪيا هئائين. رستن ۽ گهرن ۾ به اوندهه انڌڪار
ڪرايو هئائين. مون کي جو سولجر اچي گهر ۾
ٻڌجي وهٽو پوندو هو، سا ڏاڍي مصيبت لڳندي
هئي. ليڪن هن ڪان اڳ ڪا ڪائي ڳالهه مون لاءِ
مصيبت نه هئي. ڪيترا پيارا دوستن جنگ ڪئي
مصيبت مٿي لاءِ بحث ڪيا هئا، پر مان هميشه
سندن مذاق اڏائيندو هوس. ”جنگ پلي اچي. ماڻهو
جو وڃن ٿا ماڪوڙن وانگر وڏندا، سي ختم نه ٿيندا
پيو چا ٿيندو. دنيا ۾ رکيو ئي ڇاهي. پل نه تباهه
ٿي وڃي...“

ليڪن تباهي جڏهين مٿان اچي ڪڙڪي، تڏهن
پهاڙ جهڙو مضبوط پنهنجو من ڏڪندو محسوس ڪرڻ
لڳس. من لئي چا ٿي. بانور هوم! مان اڪثر ائين
چوندو هوس ته من هڪ وڏي دنيا آهي، جنهن ۾
سڄاڳي، نيم سڄاڳي ۽ غير سڄاڳي طبقا آهن. انسان پس

انهن جو ٿي غلام رهڻو آهي. مٿس ٻاهرين دنيا جو
ڪجهه به اثر ڪونهي.
مگر هي ٿي ڇا ويو هو؟ ٻس ٻاهرين دنيا جي هڪ
ٿي ڇهڙتي سان من جو مضبوط ڪوٽ ڪرڻ لڳو هو؟
ٻـــي ڏٻا محڪم ويچار اصل وڍڻ لڳا هئا! گهگهور
جي هڪ ٿي آواز ذرڻ ڪمبائي ڇڏي هئم. دل ۾
خوف سمپ جي سراپ وانگر سرڻ لڳو. ٻس ۾ قائدا
۽ ڏرلي مون کي ڳهي ويندي! ۽ انهن لي هن نعرڙي
گهر ۾ دفن ٿي ويندس!! اڪيلو ٿي اڪيلو!
اڪيلائيءَ ڪري پـڙ لهائين پـوائتو ٿـڙڻ لڳو.
اڪيلائي نه مون کي جدي ڪائڻ لي آئي. هيلتائين
نه اڪيلائيءَ ڏانهن اکر کڻي به نه نهاريو هوم. مونکي
اها سمڪ ٿي نه رهي هئي نه ڪيئن هيٺوي هيائي
اڪيلائيءَ ۾ ڪاٽي هئم! مٿن مائٽن، يارن دوستارن،
پيڪمت ٻارڻي ڪان ٻاط ڪـي الڳ رکي جڻ جيو ڇورو
ٿي پيو هوس. مون نه ٻاط سوچيو هو نه اڪيلو ٿـي
اڪيلو مرڻ ۾ ڪوبه پڙ پولو نه ٿيندم. ڪا ٻالي ٻئي
پنهان رٿڻ پڙط واري به نه رهندي.
جيئڻ لاء مون وٽ ڪي اصول اديش ٿي ڪولـ
هو. انڪري، جيئڻ جي اپلاڪا ٿي نه رهي هئم. پـوءِ
به موت جي هلڪي ساڻي سان مون ۾ ڇو زلده رهڻ
جي لمدا پوکي آئي هئي، سا سڌ نٿي پيم؟ پڇهنجين

ٽنگن ٻانهن کي هٿ لائي ڏٺم ته ٻرابر جيئرو آهيان پر ٻيا نه.

وري ڏريءَ وٽ موٽي آيس. ٻـاهر بيٺل ماڻهن کي ڏٺم، جيڪي موت جـو گرهه ٿيڻ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا. شايد هنن سڀني چوديواري انـدر اڪيلو مرڻ نٿي چاهيو. انسان شايد نه اڪيلو جيئڻ ٿـو چاهي نه مرڻ. هي ماڻهو هڪٻئي کـان الڳ هوندي بـه هڪٻئي جي ڪيترو نـه ويجهو هئا. هنن هاڻ پاڻ بابت نٿي سوچيو، پر سڄي ديس لاءِ ٿي سوچيو.

مونکي هنن ماڻهن لاءِ عجب پيار لڳو. اڃا گهگهو وڃڻ کان اڳ ۾ اهـي ساڳيا شخص پنهنجن گهرن ۾ پنهنجن ٿـي گهرجن ۽ غرضن لاءِ سوچي رهيا هئا، هڪٻئي ۾ لڙي وڙهي رهيا هئا، ڇڪي ماس چٻي رهيا هئا.

هو ڪوستان، جو هيمت پيلو هاڻي پٽ کي چئي رهيو هو، تنهن گهگهوءَ وڃڻ کـان کي منٽ اڳ ۾ زال ســان جهيڙو پئـي ڪيو ۽ کيس Dirty Bitch (ڪتي) سڏڻ کان ڪين ٿـي رهيو ۽ هوءَ به کيس Bloody Bastard (حرامزادو) چوندي ڪين هٻڪي هئي. انهيءَ جوڙي انهن اِن خطابن کي اڪثر ايترو ياد ڪيو هوندو، جيترو شايد يسوع مسيح کـي به مشڪل سان ڪيو هونداٿون. جهيڙي ۾ هڪ ٻـئـي

ڪــي خبر نـاهي ڪيترا پيرا ملين انــي چاڙهيو
هئائون. جنهن پار ڪـي هيٺ جي رهيا هئا، تنهن
کي خبر ناهي الائي ڪيترا پيرا "وڙهو ڇــو ٿا...
وڙهو نه..." چوڻ لئي ماريو به هوندائون.

هو ٻه پاڻ جهڳي هڪ ٿي جهنجل جي جگر جا
ٽڪر هئا، سي هون ۽ ته هڪٻئي جــي جــان جا
دشمن هئا. ڪـيـن اڪثر هڪٻئي کــي پوليس ۾
ڪورٽ جون ڌڪڪون ڏيندو ڏٺو هو مان. هوءِ پڻ
کين اڪثر چوندي هئي، "پاڻڻا وڙهڻ ڇڏيو... پنهنجو
پيسو ٿي وڃندو... بابي اما جــو نڪ رکو... هنن جي
موت بعد هتي لڏي اچي مون توهان جي پالنا لاءِ شادي
نه ڪئي..." ليڪن هو ڪيس ڌڪ ٻهو هٿڪڙي ۾
ڪيون رکيا هئا. هي سڀ اڄ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي
پينا هئا.

۽ هو ڪٽنب - هڪ استري ۽ پرش. هوءِ هڪ
جــي جيون ساٿڻ ٻئي جــي جيجل هئي. پتي نڪمو
عياش هو. ان ڪري پيءُ پٽ جو جهڳڙو ٿيندو هو.
ٻئي هڪٻئي جي موت لاءِ دعا پڙهندا هئا. ان مهل
هوءِ استري پاڻ ڏانهن ٻڌائيندي هئي، "مري ڇل ڪير نه...
مون اوهان جا دشمن... ان مـوت کان پوءِ لاءِ ئـــ
پنهنجي جنم ڀومي وارو گهر ڇڏي لڏي آيا سين."
شايد اهــو "مون دشمن" وارو جذبو هنن سيڊي

ماڻھن کي پاڻ ۾ گڏيل ڏٺو ھو. جڏھن ڪري سڀ
نئا ڪتاب پڙھڻا جھيڙا جھڳڙا وساري، ڏک درد
ڀلجي، ھڪ وڏي ڪتاب جا پاڻي پٽجي، پنھنجي
قوم جي قسمت بابت سوچي رھيا ھئا.

مان به اڪيلائيءَ ۾ ڏيپ کان ٻيڙ لاءِ ٻاھر نڪري
اچي ھمسايان ڪـڏ ٻيٺس. ھمس ٻمبڻي ۾ جمڪي
ٻاڙيسري ھونءَ پاڻ ۾ ٺي ٻورا ھوندا آھن ۽ لڳگھڙدي
پانيمدي ھڪ ٻٽي کي ڪيڪاڻ کان ٻه ٻيا ڪيبا ٿيندا
آھن، سي ھاڻ ھڪبڻي جا ٽالل سڀالل سانئي
ٻڻجي ٻيا ھئا... ھاڻي ھنن جي چھون لي ڏيپ جو
ٿالو نشان ٻ. ڪونه ھو. انجي ٻڌاي ھٽي ڏٻس لاءِ
چيئا...

اڏسڏوي ۾ وري گھگھو وڄيو ۽ گھڙي ڪن وڄندو
ئي رھيو. ريڊيو تان پڌرائي ٿي ”دشمن جي ٻمبارن
کي ڀڄائي ويو آھي.“ ائين لڳو ڄڻ انڌڪار ڀڄڙو
مڻھن ڪري ڀڄي ويو ھو ۽ روشني موٽي آئي ھئي...

(١٩٦٥)

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# خوشبودار گل

هڪڙي ڏينهن ۾ ڏسندو ئي رهيس. ڏٺو ته ڪيس ايڏن
۽ ٿي. ٻر هر ڪنهن جي نظر نياري هئي. ڪنهنجون
واڇون ٿڙي وڃڻون هيون، ڪنهنجي اکين ۾ واسنا
اچي واسو ڪيو هو ۽ ڪنهنجون نظرون واڪاڻ ڪان
وهسي رهيون هيون.

مون هن کي ڏٺو، جڏهن هڪ ڪاغذي ڦول کي
ڏٺم، جو اوچتو خوشبوء سان ڀر ٿي ويو هو ۽ قدرتي
گلن کان ٻه گوء کٽي ويو هو. اکيون انهي پيڙون
منجهس ۾ هن کي ڏسنديون رهيون، هن جو پيڇو
ڪنديون رهيون جيستائين ڪ هوء نظرن کان غائب
نه ٿي وئي.

مون ۾ هن لاء ايڏي ڪشش ڪيئن پيدا ٿي وئي
سو سمجهي نه پئي سگهيس. منهنجي من اندر هن
اندر هن لاء ڪڙو تيل نفرت جو ٻهاڙ ڀڳهوڄڻ لڳو هو.
من ۾ هي ڦيرو ڪيئن آيو؟ هوء تہ ساڳي هئي،
ساڳيو رنگ روپ، ساڳي پوشاڪ پهراڳ!

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

سڀئي ٽورا ڏينهن مس گذريا هوندا، جو هوءَ جنهن
وقت اسانجي در وٽان لنگهي هئي، انهن وقت مون
نفرت وچان منهن ٿورو چڙيو هو. جڻ ته ڏسندي
ٻہ نہ ڏٺو هوءِانس. هوءَ ٽيڏيان ڇوڪرن لاءِ اچا به ڪڙي
ٿي ڏسجي هلڻ لڳي هئي. سندس انگ سڊول
هو. شيشي جي پُتلي ٿي لڳي. سندس اڌ اُگهاڙيءَ
پٺيءَ کي ڍڪڻ لاءِ هيٺ ڀروجن لڳل نــاسي ڳاڙها وار
ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا. پاڙي جا ڇوڪرا
سندس سينيل سٿڻ ڏي ڏسندي ڪجهه ڪجهه
اشارن ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ٿوري گهٽ هئي جنهن
ٽان پرانگهه پري نه لنگهي اٿي سگهي، جو ڪُتو
ڏاڍو لنگ ٻيل هوس. انڪري ڇوڪريءَ وانگر ٽپ
ڏئي لنگهي ويئي، پر ٿورو ڳاٻو اچي ويس. ڇوڪرن
۾ ٽهڪڙو مچي ويو. مگر سندس روزاني پهراءَ ۾ پوءِ
ٻہ ڪو فرق ڪونه آيو. منهنجي پيءُ سان سندس چڱي
واقفيت آهي. هڪ ڏينهن پڇيومانس، ”تنهنجي اها
ساهيڙي پنهنجي هيڏي نمائش ڪندي ڇو ٿي هلي؟“

چيائين، ”ساهيڙي ته هوءَ ڪنهنجي ٿئي ٿي
ڪين. البت ڪن ڇوڪرن کي دوست سڏي سگهندي
آهي. باقي ڇوڪرن لاءِ ته سمجهندي آهي ته سڀ
سندس ناهوڪي بدن ڪسي ڏسي جلن سڙن ٿيون.

چوندي آهي، سهڻو بدن سڌي آچار ڪوڙ لاءِ مليو آهي ڇا؟..."

هڪ ڏينهن پنهنجي آفيس جي ڪم سان سندس آفيس ۾ وڃڻ ٿيو. هن مونکي پنهنجي آفيسر اڳيان پهچڻ ئي نه ڏنو. يڪدم اٿي ڪلي ڪلي پڇيائين، "مون وٽ آيا آهيو؟" ۽ فائيل بند ڪري چيائين، "هلون ٿا ڪئنٽين ۾. چانهه نه پيئندا؟"

مون چيو، "ڪو ڪم اٿو مون ۾؟"

جواب ڀڏي، هيڪي ڏڏڪو اچي ويو. چيائين، "ڪوئي ڪم هوندو آهي تڏهن چانهه پيئجي آهي؟... واٽ مئنرس؟ (ڪهڙي فضيلت!)"

ماڻ جواب ڏيڻ کان سواءِ اڳتي وڌي ويس. هيءَ ٽيڏي چوڪري جا ڳاهي ڀڳاهي آفيس جو ڪم رلائي ڏاڍن مردن سان ملڻ لاءِ واجهائي رهي هئي، سا مونکي فضيلت جو پاٺ پڙهائي رهي هئي!

هن واقعي ڪيس منهنجين نظرن ۾ اڃا به گهڻو ڪيرائي ڇڏيو. سندس پيءُ لاءِ به پاڻ سان اڪثر هن جا سور پيو رئندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجي ڪمن سان پڇم ۽ چئي رهيو هو، "بس چوڪريءَ کي آهي سڄو ڏينهن پنهنجو هار سينگار. ساهيڙيون ۽ سئنيمائون ۽ انهن تي هر هاڻي "پراءِ فرينڊس" جي به پٺ پڳي آهي. جهڪا ٿي آميريڪن فلم اچي تڏهن تي

ٿي وڃي. جي سمجهائيس ڪٿي ته ڇوڪر توهين پيدا
ٿي ويا آهيو. عجب آهي ڪمائڻ مهل جوان آهيان،
پر سمجهائڻ مهل پيرو ٿي ويس. جيڪي ٿي ڪمائي
سو ٿي لٽي. ٻاڻ مهني مهني هٿ ٽنگيو بيٺي آهي.
چوانس، شاديءَ لاءِ ڪجهه بچاءِ ته چوي ٿي شادي
ٻادي ڇا جي ... بس ٻاهر ڇا ڪجي، آزادي ملي
وئي آهي سڀ ڪجهڪي. توهان ٻنهي ٻارن کي
الائي ڪهڙي ستي پياري آهي جو هيڏي سادي
سنجيده شيوا ڀاڳ وارا ٿي پيا آهن؟ ڏاڍا ڀاڳوان
آهيو. جڏهن جڏهن توهانجي گهر جو مثال ڏيانس
لڏهن چوي، 'هي ته واٽيا آهن' ٻاڻ ڄڻ وڏي عامل
جي ڌيءَ اچي لٿي آهي!"

"ماءُ ٻه نٿي ڪجهه چوانس؟"

"هن ته ٻاڻ ڪاري ٻهر ڪيو اٿس. چوندي، هڪ
ئي ڌيءَ آهي. ٻاڻ، ڇوڙي ماڻي. ڇڏ ڇڏ نه ڪر ٻس.
جوانيءَ جو رس آهي، هٽي ٻانگي ڪجهه ڪري نه
وڃي. اڄا وڏي ٻاءُ جو ڪو ڊپ هوس پر اهو ٻـ
ويو آهي چاوولاڻ سنڌورڪي ٿي. هاڻي ته ڇوريءَ
کي ڪو اندر واري جو پوندو لڳي، پيو ته ـــ ڇاڙهو
ڪونهي ..."

بابي چيس، "اڄ ڪلهه شايد اندر وارو ڪمهڪي
پوندو هٽي ئي ڪين ٿو. ٻاهران ئي ڪر پيو لڳو

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

آهي. سڄو واهو معدل لڳا ڏسو. آمريڪا ۾ نه جوان
ڇوڪرن ڇوڪرين رڳو پاري ڏنو آهي. هاڻي هتي به
اهي نقل ٿيڻ لڳا آهن. الاجي ديس ڪهڙي رسالي
ڏي ويندو ...“

...... ۽ ان ڏينهن مولڪي لڳو هيڪي ڪولي اندر
واري جوڳي اڙو ٿيو آهي شايد، جو وچ شهر ۾ چونڪ
تي بيٺل اخبار واري کان اخبار خريد ڪري ڪي
منٽ نه خبرن جا سرا پڙهندي رهي. ڳالهه معمولي
ڪا نه هئي. عجب پئي لڳم ته هيڪي ڪيئن ٿئين ٿي
مان، دنيا جو واءُ سواءِ جاڳڻ جـو شوق جاڳيو هو،
ڪيئن اڄ هوءَ خود غرضيءَ جي گهيري کـان ٻاهر
نڪري آئي هئي. مان ان ڳالهه تي ايئو سوچي رهيو
هوس، جـو اخبار واري چيو، ”صاحب ملڪ جي
حالت ڇوڪرين کي به اخبار پڙهڻ لاءِ مجبور
ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي زال ۽ ڪڪي به روز خبرون
پڇنديون آهن ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪنديون آهن...“

”منهنجون اخبارون ته خوب ٿيون هلن نه هاڻي...
لوهه ڪمائي اٿيئي...“

”ملڪ مٿان ڪارا ڪڪر هجن ته ڪمائيءَ مان
ڪهڙو سواد!“

مان سندس جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس، جو

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڏيس جي هڪ رواجي ماڻهوءَ کـــي بـــ. ملڪ جي
جهوري لڳل هئي.

گهر پهچي ڏٺم ته آئي ۽ هوءَ وڃڻي آهي. پوشاڪ
ڀوراڻ پدلجي ويـو هوس. ڏاڍي اُساهه سـان وڃڻي
منهنجي پيءُ سان رهاڻ ڪيائين. سندن ڇهوڪري جي
پاون جو لهڻ چڙهڻ ۽ هٿن جو ڪجهه نه هڪ آڱر جو
ڪڍڻ ڳل نه ڪڍڻ ڪاڏيءَ مٿان پيهڻ، اهو سڀ
نه پنهنجي ڪمري مان ئـــي ڏسي پئي سگهيس، پر
هو ڇا بابت ڳالهائي رهيون هيون، سو پورو منهنجي
سمجهه ۾ نه پئي آيو.

اوچتو منهنجيءَ پيءُ مون کـــي سڏ ڪري چيو،
”ڏس نه ڪٽي! اج رب دان ڪري آئي آهي.“

هيءَ مونکي جڻ ڪٽيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ اڻ سڏي
ڪوٺ هئي. مون ڪلي ڏنو. اج سندس اعلي سڌي
ٿالو ورلو وڻو هو نه به اعتراض نه وڙلو هئائين. هونءَ
نه ”واندا“ ڪري پڪارڻ کـان سواءِ جواب ڏـــي نه
ڏيندي هئي. مـون به ڪيس واندا نـــہ سڏي، چيو،
”هلو ڪٽي! لنهنجي پاءُ جي ولايت مان ڪا خبرچار
آئي؟“

هن پڙونهين مان خط ڪڍي ڪٽي مونکي ڏنو. ڪلي
چيائين، ”پڙهي ڏسو نه ڪيڏا بهادر ٿـي پيا آهن،
انهيءَ واسي ماڻهو. پڳون وانـگر پڳهون اٿن آموڪن

ڏنڊڪون ۽ سوچيت ..."

مان کي ڪڏهن نہ ٻڌائي اڪيلي جي ڇيهڙ جي هن چوڪريءَ جي منهن ۾ ڏسڻ لاءِ رهيس. آمريڪا جي هر چيز جي شيدائي هئي هيءَ چوڪري، مگر اڄ نہ چوڻ ڇوڇ ڪيڏي بيهلي هئي آمريڪا لاءِ...

مان خط پڙهڻ لڳس تہ چوڻ لڳي، "اسان جي آفيس ۾ نہ اچي ڏسو، اصل ڊرڻو لي ڦوري وڃو آهي. جتي سڄو ڏينهن رڳو گاريون لاءِ ٻيا گاريون ڏيندا هئاسين اتي ڇو هرڪنهن کي ڪا نہ ڪا ملڪي خبر پڌائڻ لاءِ پيئي سڄي. ايڏيون تہ عمس ۽ بهادريءَ جون ڳالهيون ڪن جو انسان ڪاڻ من ئي ڦوليجو وڃي. ڪم بہ ڪو ڪرڻون ٿا، اصل ايمانداريءَ سان ڪرسن کي ڇهنما ويٺا آهيون ....."

"انجو مطلب تہ هاڻي مان اچان تہ تون ڇانهن پيارڻ جي آچ نہ ڪڏهن؟" مون ڇڙو ۽ مرڪي ڏنو.

وٺي ٿهڪ ڏيئي ڪاڻ لڳي ۽ منهنجي پٺڻ طرف منهن ڪري چوڻ لڳي، "اڳي تہ پاڻي ڪم ۾ دل ئي نہ لڳندي هئي، مان تہ پيئي سڄو وقت آفيس مان قتل جا بهانا ڳولهيندي هئس. هيئنر جڏهن ڏينس مثان پوري آئي آهي ۽ جوان ويٺا ڏينس لاءِ

جاڻيون ڏيئين، ٿڌين ڇا ڏيئس صدقي اُسين آڻيس ۽ پنهنجو ڪم به ايمانداريءَ سان نه ڪريون؟..."

"مطلب ته هاڻي چانهه نه ملندي." منهنجي پٽ چيو ۽ اچي ٺهڪڙو پيو.

مان ته سمجهي ويئو هوس ته هيءَ چوڪري هڪ ڪاغذي گل آهي، جنهن مان ڪو به هٻڪار ورلي ئي سگهندو. ليڪن اڄ هن گل ۾ خوشبوءِ پڻ جي وڃي هئي ۽ دل بهار ٿي ويئي هئي.

# نانيءَ جي تلاش

شام جو آفيس مان موٽڻ وقت، لوڪل ٽرين جي مسافري هونءَ ته ٻاروهي وڏي ٿيندي آهي، پر ٽڪون ڏينهن الاهي ڪيئن اڪ ڇڏيپ ۾ گذري وڃي. پاڻ ۾ چار ڄڻا هئاسين. مان، منهنجي شريمتي ۽ ٻه ٻيا دوست. ڳالهيون ڪندي اچي ڏيتي ليتيءَ جي بحث تي پياسين. اسان مان ٽي ان راءِ جا هئا ته نوجوانن کي بنا ڏيتي ليتيءَ ونءِ وٺڻ کپي. مگر هڪ ڄڻو اسان سان شامل راءِ نه هو، شايد ان ڪري، جو اڃا ڪنوارو پٽر هو!

ٽرين ۾ اسان جي سامهون واري بينچ تي هڪ سونهن ٻڍڙو بزرگ ويٺو هو، جو ڌيان تي لڳو. هن اسانجون ڳالهيون ڪن لائي پئي ٻڌايون. اوچتو ٺڪاڪو چوڻ لڳو، "آئون ڪي اهڙا آدرشي ڇوڪرا ڏيان ۾، جيڪي بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪن؟" هن پڇيو ائين، جڻ اسين ڪي آدرشي ڇوڪرن جو وڪرو ڪندڙ واپاري هئاسين. اسين وائڙا ٿي مشڪڻ لڳاسين.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

منهنجي شريمتيءَ مونکي لڪائي ڇهنڊڙي پاتي ۽ ديوان کي چيو، "ڇو نه آهن اهڙا ڇوڪرا." ۽ پوءِ مون ڏانهن اشارو ڪري چيائين، "هيڪڙو نه توهانجي سنمک سامهون ويٺو آهي. اسان مان هيءُ لي شاديءَ لائق آهي. هن تازو ايم - اي پاس ڪئي آهي. اسين نه اڃا پيا ڪالهه پڙهون."

هو ٻڍو ماڻس به ڪو پورڙو هو، جنهن سهڪئي منهنجي شريمتيءَ جي ڳوڙ لي وشواس ڪري ورتو، شايد ان ڪري به جو هنجي نڪ، ڪن، نرڙ ۽ ٻانهن لي سهاڳڻ هئڻ جي ڪابه نشاني موجود نه هئي. ديوان منهنجي منهن ۾ ائين نهاريو جئين، پوڙهن اکو جي ليڙ سان گهايل ڪو عاشق پنهنجي معشوقا کي نهاريندو هجي. منهنجي چڱي طرح ڇنڪاس وٺڻ بعد چيائين، "پٽ، توهين ڪٿي رهندا آهيو؟"

"مان دادر ۾، هيءَ ماٽونگا ۾ ۽ هي به دوست سيان ۾" مون وراڻيو.

"ڪنهنجي آکهه ڪهڙي؟"

"واڌواڻي."

"عامل؟"

"ها."

"حيدرابادي؟"

"ها، جيد حيدرابادي."

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

"ها!" ديوان عجب ۾ چيو. ٻڙ هنجي عبرت ۾
مسرت لڪي رهي هئي. "ڪڪا، اڄڪلهه اهڙو نه
گهور ڪلجڳ اچي ويو آهي، جو هرڪو ٻيءَ يا ٽاڏي
جي نالي واري ٿي آڪهه ٺاهي ٻاٽي پيو خدابادي
عامل سڏائي. ها، تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟"

ديوان ڪــي مون ۾ ڪو شڪ پيو، سو منهنجي
نالي ٻچڻ کان اڳ پيءُ جو نالو ٻڇيائين. مون وراڻيو،
"خوشيرام."

ديوان چيو "واهــ! ڪهڙو نه پيارو نالو آهي، تون
عاملڪو! منجهانئس خداباد جي خوشبوء پئي اچي
تنهنجو نالو؟"

"هونءَ نه منهنجو نالو ايشور آهي، ليڪن هرڪو
مون کي 'ايشر ڪمار' چوندو آهي."

"ايشر ڪمار يعني سدائين ڪنوارو! ٻڙ اهو تـــه
انگريزي ۽ هنديءَ جو ملاوٽي نالو آهي."

"ها، ڇا ڪجي، اڄڪلهه سنڌي نالي رکڻ کان
انگريزي ۽ هندي نالي جو وڌيڪ رواج آهي."

"اهو وري عجيب رواج پيو آهي."

"اسان وٽ ڪيترا ئي عجيب رواج آهن. ڇـــا
ڏاڙهي ليتي وٺڻ جو رواج گهٽ عجيب ناهي؟" مون
چيو.

"ٻاٻا سنڌ مان لڏڻ بعد تـــه هتي اهو مرض نه

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

پاڻ وڏي واو آهي. ”پر اسين نه ڏيتي ليتيءَ جي خلاف آهيون.“ ديوان کي جڏهن پنهنجي ڪارنامن پڌائڻ جو موقعو ملي ويو، جنهنجي لاءِ پڻ ڪيتري وقت کان لڳي ڏٺو.

”اڙو منهنجي پٽ شادي ڪئي. ڏيتي ليتي ڪاڻي ڪوڙي به نه ورتيسين. هاڻي مائٽن پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڇوڪريءَ کي جيڪو مٺو ڪپڙو ڏيڻ چاهيو، ڏنو. اسان هنن جي دل رنجائڻ نه چاهي.“

”سچي ڳالهه آهي، توهين جي نه ورتو ها ته سڀڪن ئي ڏيءَ کي ڪس لڳي ها. جيڪي ڏنائون سو جڻ پنهنجي گهوڙي سينگاريائون.“ منهنجي شريمتيءَ ديوان جو پاسو ڪڍندي چيو.

ديوان مونکي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائڻ لاءِ چيو، ”بابا، مائٽ به ڪو نڪي مو توري ئي لاهيندا. منهنجيون به ڌيئرون ڪاليج پڙهن پڙهن. اسين هنن کي ڇا سڪڻي ساڙهيءَ سان شادي ڪرائينداسين؟ مٺو منڊي، ڪپڙو ڳنڍي وغيره ته ضرور ڏنو ۽ اهي به ڇا گهٽ نڪا ٿا ڪائين؟ ڏهه پندرهن هزار ته واهه جا خرچ ٿيو وڃن. ها باقي ڇوڪرو سو آڪهيو ڪٽيو. شڪل شبيهه سهڻي هجيس، شاندار شخصيت وارو هجي...“

”سو ته ڏاڍو چڱو آهي.“ مون وچ ۾ اچي تسلي ڏنيمانس.“

”سٺي نوڪريءَ وارو هجي، آزاد خيال هجي ۽ مائٽن جو..“ ديوان جملو پورو ئي نه ڪيو جو منهنجي شريمتيءَ چيس، ”مائٽن جو مڙو نه هجي. ائين نه؟“

”ها، انهيءَ کانسواءِ بي. اي ته ضرور پڙهيل هوندو. اڄڪلهه ته گاجوي پاهري به بي-اي پيا پاس ڪن.“

اهڙيءَ طرح ديوان صاحب مونکي پنهنجي ڌيءَ لاءِ گهربل لياقتن جي لسٽ ٻڌائي ويو.

”اهڙي ناياب لائق ناٺيءَ جي ڳولا لاءِ ته اشتهار وجهائڻو پوندو.“ منهنجي شريمتيءَ کلندي کلندي تير اُڇليو.

مگر ديوان کي اهو چٽڪ دل ۾ لڳو ئي ڪين. اُلٽو کلي گويا هن جي پٺڀرائي ڪيائين. کـن رکـي چيائين، ”ها، پٽ تون ڪٿي نوڪري ڪندو آهين؟“

”برما شيل ۾.“

”اُتي چوندا ته ڏاڍا وڏا پگهار آهن.“

”ها، مڙوئي چار پنج سؤ رپيا ملندا آهن.“

”بس!“ ديوان کي اهو پگهار به ٿورو لڳو. اڃا ته سچو پگهار ٻڌايانس ها ته ٺهڙ اُڀ چڙهي وڃيس ها.

”اهي اسان جهڙي ڇڙي ڇانڊ لاءِ ڪوڙ آهن.“ منهنجي ان جواب تي ڏٺم ته ديوان جي اکين ۾ هڪ انوکي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

چمڪ نمودار ٿي. ان ۾ اضافـو آٽط لاءِ منهنجي شريمتيءَ چيو، "دادا، ڪنواري هوندي ئي مائٽن کان ڌرنو ڌار ڪري ويٺو اٿـو. ڪيڏو نه آزاد خيال آهي." منهنجي شريمتيءَ منهنجي لاءِ اٿين ڪٿدولس ٿي ڪٿي، جنهن ڪو پاڙيتو اليڪشن ايجنٽ پنهنجي اميدوار لاءِ ڪندو آهي.

"پيٽ، تون دادر ۾ ڪٿي رهندو آهين؟"

"رانـادي روڊ تـي، ڪوهنور سئنيما وٽـجهو، مٽڪر مينشن ۾ گرائونڊ فلور تي."

"اڙي اٿي ٻئي ماڙي تي ته منهنجو سئيڙُ رهندو آهي. تون تـه ضرور سڃاڻيندو هوندين کيس - مسٽر عالمچنداڻيءَ کي."

"ها، هـا ڪيئن نه سڃاڻبو هنکي، جنهن جـو ڪلهوڪو چاول پار ۾ پاڻکي انگريزي عالم سمجهندو آهي." مون ٽوڪيندي مرڪيو.

"مان هــن وقت اڪثر آرٽوار جـو ايندو آهيان. سياڻي ته ضرور ايندوسائنس. ٿو وقت ٻه ڦيرو پاڻبو."

"چونـ، چونـ." مون ٻه رڪي چيو.

ايتري ۾ دادر اسٽيشن اچي ويئي. اسين لهڻ لاءِ اٿياسين. ديـوان مونکي ڪيڪاريـندي انگريزيءَ ۾ چيو، "مونکي تو سان ملي آئـي آنند پرابهت ٿيو. تون نهايت پيارو يار آهين."

"۽ ٽاليءَ پڄڻ لائق آهين." محمد جي دوستن کين ۽ پڌرڪيم.

اسين ٽئي ڄڻا ماڻ لڳاسين ته مون محمد جي شريمتيءَ ڏانهن شرارتي نگاهن سان نهاريو. جڻ اکين ئي اکين ۾ چوندو هجانس، "ڏس، اڄ به اسان جو ١٠-١٥ هزار ملڻو آهي. مٿان ڪو لاٽريءَ جو ٿيلهو سمجهيو هجيئي."

"۽ جي سپاٽي سڀ پنج لو وٽ اچي وڃي ته؟" محمد جي گهرواري دوست مرڪندي پڇيو.

"ته مولائي لون جو ويلو هجن. گهر ويٺي شڪار ملندم."

"پر هڪڙي لون ئي پسند هئين."

"اڙي پار هڪڙي مان ته پر محمد جا گهڻا پڻ پسند هئا."

"ڇگهو هاڻي هلو. شڪر ڪريو جو محمد جي مائٽن توهان کان ايڏن لياقتن جي لسٽ جي تقاضا نه ڪئي." محمد جي شريمتيءَ کلندي چيو.

"ته پوءِ مون جهڙو ٽالي به ڪو وري مفت ۾ ملين ها ڇا؟"

* * *

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير در تي ڪڙڪي سان اک کلي پيئي. محمد جي شريمتيءَ اٿي در لاٿو. ٻاهران ڪنهن جو هٻڪندڙ آواز ٻڌم، "اوهين... ڇا..."

هتي رهندا آهيو؟"

منهنجي شولمتيءَ ورائيس، "ها."

"ڇا! هي مسٽر واڊراٽيءَ جو گهر ڪونهي؟"

"ها، هي اُنهو ئي ته گهر آهي."

"پاڻ ويٺو آهي؟"

"ها،" چئي منهنجي شولمتي مون وٽ اچي زور سان چيو، "او، ٻڌو ٿا، هوُ راتوڪو ديوان آيو اٿو. اُنسي واٽ منو ڪرايوس." ائين چئي هوءِ اچي ٽهڪن ۾ پيئي.

مان ٻه ڪل روڪي نه سگهيس. ٻر اُن کي دٻائي، پنهنجي مهمان جي آدرڀاءَ لاءِ در وٽ آيس. مگر ڇا ڏسان ته هوُ ٻانهوُن ڇڊ ٻڌو وڃي رهيو آهي، الاجي ڪاوڙ ۾ ڇا جو ڇا ٻيو چوندو وڃي. مان فقط هي لفظ ٻڌي سگهيس، "اڄ ڪلهه جا ڇوڙا ٿيا آهن ڪي؛ اصل ڏکوري ئي لهي ويٺي اٿن؟ ڪوڙ کي ڪٽي ڪلتار ٻڌايو اٿن. اگهور ڪلجڳ..."

منهنجي شولمتيءَ کان رهيو نه ٿيو. واڪو ڪري ڪلندي چيائين، "ديوان هوڙو ڪواليفائيڊ نہ ائي پيو نہ ملندو!"

هو سڀون پاڻ ۾ ٻورو هو. اسين ٽهڪن پيمان ٽهڪ ڏيڻ ۾ مست ٿي ويا هئين.
(١٩٥٨)

# اوُٽي .... ٻڌي

سندر کي اڄ هڪ انوکو آزمودو مليو هو. زندگي ۾ پهريون دفعو هُنس گهرڌياڻيءَ جي جوابداري پيئي هئي. سندس شريمتي نوڪري لاءِ ملاقات تي ويئي هئي. انڪري سندر کي ٻئي ٻيبوءَ ۽ گهر جي سنڀال لاءِ آفيس گسائڻي پيئي هئي.

گهر ۾ چوگرد سنائو ڇانيل ڏسي هن جي دل ونگاڻي ٿيڻ لڳي. من ۾ چيائين، ”هن وايومنڊل ۽ آفيس جي وايومنڊل ۾ ڪيترو نه فرق آهي. هتي سڃ آهي ته اُتي وسعت آهي. هتي ٿوري ڪم ڪان پوءِ اباسيون آهن ته اتي ڪم جي ڀڄ ڊهان لڳي پيئي آهي...“

آفيس جي يادگيري ايندي سندر جي سامهون گذريل واقعا سنيما جي تصويرن وانگر ڦرڻ لڳا......

* * * *

”سندر، توهان سان اوٽي آهي...“

”اڙي واهه ٻار آهين ڪا...“

”توهانجي جسولي ته ٻار ٿي سمجهيم.“

”سو وري ڪيئن؟“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”چولم ٿي ته مان پنهنجي پٽيءَ جي پيار جي سولن پٽي به قربان ڪري نٿي سگهان؟“

”سو ڇا تون ڪٿي چئي‌رهيو هئين ته ’مان پنهنجي پٽيءَ جي هزارن پٽي قربان نٿي ڪري سگهان‘ پر به انجو اوٽيءَ سان ڪهڙو واسطو؟“

”ڇا توهين سمجهو ٿا ته هن جو اشارو ڪيڏانهن آهي؟ جڏهن توهانجي پٽڙي نٿي چاهي...“ ٽاڪيءَ جو گلو پوڇي آيو. هوءَ جملو پورو ڪرڻ کان سواءِ ئي هلي وئي.

۽ سندر جي دل ۾ آنند مانڊ مچي ويئي. هن جو من ور ور ڪري پڇڻ لڳو، ”منهنجي جسيءَ ڇيا اهي لفظ؟ هنگي مون ۾ اوشواس ڪيئن ٿيو. ڪيئي شڪ ڪيئن جاڳيس...“ ذهن ۾ ڦوڙ لڳس. پر سال اڳ واري ٽاڪيءَ ۽ ٽاليپسٽ ٿي آفيس ۾ گهڙي هئي. جنهن هڪ ڏينهن سندر کي پنهنجي سيڪنڊ ڪلارڪن لاءِ اچي چيو هو، ”هتي ڪي ته ماڻهن، ڪلبن ۽ پارٽي پچر کان سواءِ ٻيو ڪجهه سڄهي ٿي نٿو. مون ڏي هن جو ٽڙو سپاهه اصل نه وڻندو آهي. توهين ڪيڏا نه گنڀير آهيو. منهنجو مون اهو توهان جهڙو گنڀير آهي.“

سندر کي ياد آيو، هن اهي لفظ اچي جسيءَ ئي پڙايا هئا. نه فقط ايترو پر هڪ ڏينهن ٽاڪي خود

ٻـــ گهر آئي هئي ۽ جسونتيءَ کـــي چيو هئائين،
”ڏهيدجو گهوٽ نه ڄڻ ’سنتوشي‘ آهي. نه ڪو غم
سڌائيس، نه ڪو خوشيءَ جوئي خمار چڙهيس. سدائين
ٻڌهڏجي ڪم لي ٻورو، نـــ ڪنهنجي هڏئين ۾ نه
ڪنهنجي ڪنئين ۾. ٻــوري وقت لــي اچي ٻوري
وقت لي وڃي."

۽ انهن ئي ڳالهين تـــي سوچيندي ناڻڪيءَ جي
اونيءَ واري ڏيڍهن هو ڪنڌ ميز تي رکيو ڪيتري
ڏينهن ٻريشان پيو هو، جو ٻر واري ملازم کيس سڄاڳ
ڪري چيو هو، ”چو سنتوشي ٻائي، اڄ ائين ئـــي
ويٺو آهين ئائيمر نه ئي وٺو اٿيئي..."

سندر اٺان اٿيو ۽ اشانت من سان وڃي ٻر واري
ٻارڪ ۾ ويهي رهيو. مٿهن اونداهي ئي ويٺي لڏهين
اٿي ڪٿي ڪيائين ۽ گهر پهچي ٻڌائين هڪ عجيب
سوال. جسي ٻڌي رهـــي هئي، ”چو اڄ ئوهان کي
ساهيڙيءَ موڪل ئي ڪانه ئي ڏني ڇا؟"

”ڪهڙي ساهيڙي؟"

”اها ناڻڪي، ٻي وري ڪير. اهـــا ڪامڻ گور
ليڪ اسانجا ڏرناڏار ڪندي."

”هن ويچاريءَ ڇا ڪيو؟"

”ها، هوءَ ئي ويچاري ۽ مان ئيس ويڙهو گهٽي.
ڏسو نه ڪيئن نه هن لاءِ هڏ ئو ڪڙڪيو..."

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”جسي، ڀاڳل ته نه ٿي آهين!“

”مان ڀاڳل، هوءَ ٿي سمجهي. ڀــوءِ ڇونه هن لي
اکين ڇڪڻ لڳندا.“

”هي لوڻ اچ ڇا پيئي چئين. هنکي ٻـ، ڪاهه،
الاجي ڇا جو ڇا ڇهو اٿيئي.“

”سو اهو ته اڄي لوهان کي ٻڌائائين. ٽڏهن تـ
سچ ٿي چوان ته ڀاڳ ۽ ٻيٽ ٿيا ٻيا آهيو. ڇا وري
ڇا ڇهومانس. رڳو اهو ٿي ته جي ڳالهون ڀاوڻ مودن
کي مٽ مٽ ڪري هوڪا لڳندا هون ته ڀوءَ هو ڇو ڪوڻ
سندن ڀلمان ٻوندا ۽ ٻهنجن ڳالهن کـي ڪهڙو ڀمار
ڪندا. مان ته ٻهنجي ٻٽيءَ جي ٻيار جي سوٽن ٻٽي
ٻه قربان ڪري نه سگهان.“

”پياري جسي، لوڪــي سڌ آهي ته هوءَ شادي
ڪهل آهي؟“

”شادي ڪيل آهي ته ڇا. مڙس ٻچمس ڏوروٽي
ڏو. هو ته سچو ڏلهن لوڪريءَ ۽ ان جـي ميٽنگن
ميڙن ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ ٻورو آهي “

”لسهنجي معنيٰ لــ جيڪي مرد ميٽنگون ميڙ
ڪوٺائي، ڪتاب پڙهي سماج جــي سڌارڻ لاءِ ڪم
ڪن ٿا ـي ٻهنجن ڳالهن کي نه ڀڄندا آهن. تـون
موهن جو ڏانڪيءَ جهڙن سٺن انسانن لـي اجايو الزام
هڻي رهي آهين.“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”الزام ڇاجو ٿي هڻان، سچ ٿي چوان. ڏسو ته توهين هاڻي ڪيترو نه ٻڏاڇي ويا آهيو. اڳي ڪيترو نه گڏيل هئا، هينئر ڪيترو نه خوش مزاج ٿي پيا آهيو. مون کي ڏاڍو حسد ٿو ٿئي، مان چوندي توهان ۾ ايترو ڦيرو آڻي سگهيس.“

”منهنجي جي، ذرا سوچ ته، سهڻي، گذريل ٻه ٽي سال اڳ ۾ اسان هتي لاڏي اچي ٽائيڪو ٽيڪ ۾ ڪيڏي نه تنگ حياتي ڪاٽي هئي. پيٽ قوت لاءِ پورو پئسو ڪونه هو. گهر ۾ سڄو ڏينهن گهڙي ڪلڪل لڳي پيئي هوندي هئي. اڳ ۾ جڏهن گڏيل ڪٽنب هو تڏهن آفيس مان موٽڻ بعد روز توکي ۽ امان کي فريادين جي روپ ۾ ويٺا ڏسندو هوس. تون هن جي خلاف ۽ هوءَ تنهنجي خلاف شڪايت ڪندي هئين. تون نٿي سمجهين ته آفيس جي اُڪ کان پوءِ اهي شڪايتون ٻڌي ماڻهوءَ جو ڪهڙو سياءُ ٿيندو؟ هاڻي ان ڪلڪل کان آجا آهيون. آفيس ۾ ٻه ٽڪي ملڻ ڪري پگهار ڏيڍو ٿي ويو آهي. گهر ۾ گهٽي نه هجي ۽ آفيس ۾ پورو پگهار ملي ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نعمت ٿي سگهي ٿي.“

”ان ڪري ڇا توهان ۾ ايترو ڦيرو اچي ويندو جو توهين سهڻين ڇوڪرين جي ساراهه پيا ڪندا. اڇا ان ڏينهن منهنجي ساهيڙي حور آئي ته سندس

ساراهه ڪندي چيو، ڪيڏي نه مٺين سان جهڄهي آئي آهي. جيڪي مٺيا لوهان کي ڏنا ڪين وٺن، تنهنجي ايڏي ساراهه!"

"اڙي ڀڳلي، مون کي ته، پاڻ هڏا مٺيا ڪونه وڻيا، جن هنجي سادگيءَ واري سونهن گم ڪري ٿي ڇڏي."

"اڏڙيءَ ڏينهن لوهين مون سان ناراض ٿي ڇتو ڳالهائي وڃنا هئا ۽ ناتڪي آئي ته، هن سان ڪلي ڪلي ڳالهيون ڪرڻ وڃي رهيا."

"ان جي معنيٰ ته، ڏاڍو شخص اڇي نه انکي چڱي ته پائي هينئر هليو وڃ، جو اسين پاڻ ۾ وڙهيا وينا آهيون. اڙي ڏاڍن سان نه هميشه ماڻهو ڪلي کيڪاريندو. تون مون سان وڙهيل هوندي به منهنجن دوستن سان اڻين ڪاڻي کيڪاريندي آهين."

"ناتڪي سچ پچ ڏاڍي آهي، توهانجو هن سان پيار ڪونهي؟" جسوليءَ سندر جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيو.

"ها هوءَ ڏاڍي آهي، منهنجي ڪيو ته، لڳي. توکي اجايو شڪ ٿيو آهي. اسان ڪڏهن پاڻ ۾ پيار جو لفظ به نه ڳالهايو آهي. منهنجو هن سان فقط آفيس جي Colleague (همڪار) هئڻ جي ناتي رستو آهي"

جسوليءَ سندر جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي رڙ

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

لڳي. سندر جو هٿ جهلي چيائين، ”ماڻ ڇا ڪريان. مون کي ٻڌڻ مارا! ايترو مار جو منهنجي دل ماڻهن جي غير زنڪري وڃي. مون کي ان غير ڪيتري وقت کان ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. الائي ڇا ڇا پيئي سوچيان. ڇا ڇا پيئي ڏسان. مون کي ڏاڍو حسد ٿو ٿئي. ماڻ تنهنجي پيار جي سواءِ ٻئي ڪنهن ٻيءَ ڳالهه تي ڌيان نٿي ڪري سگهان.“

سندر جي دل ڀرجي آئي. اکين مان لڙڪ لڙي پيس. جسوليءَ هنجون اکيون اگهيون ۽ سندر سنديس. ۽ انهن لڙڪ وهائيندي هنجهي سڄي رات اکين ۾ ڪٽيءَ ويئي.

زندگيءَ ۾ هي پهريون ڀيرو هو جو هو سڄي رات جاڳيا هئا. پهريون ڀيرو شاديءَ رات هو ايترو وقت جاڳيا هئا. ليڪن ٻنهي راتين ۾ ڪيڏو نه تفاوت هو! شاديءَ رات ٻه ڌاريا شخص هڪ ٻئي سان ايڏي ته پنهنجائيءَ سان هليا هئا، جو هو ٻه نه، هڪ هئا ۽ اها رات ڇرچن گهمڻ ۽ ٽهڪن ۾ انهن اڏامندي وئي هئي، جو ان جي گذرڻ جي سمڪ ئي نه رهي هئن. مگر اڄ رات روئيندي روئيندي شاديءَ رات واري پنهنجائي حاصل ڪرڻ لاءِ تڙڦندي گذري رهي هئي. شاديءَ رات ڌاريا هوندي به هو ڪيڏو نه ويجهو هئا ۽ اڄ هڪ ٻئي جي ويجهو هوندي به ڪيڏو نه دور هئا.

صبح جو اُٿي جسوتيءَ چيو، ”توهين هڪ ڳالهه مڃيندا.“

”چئو.“

”اها نوڪري ڇڏي، ٻي ڪريو.“

”٥٠٠ رپين پگهار واري ههڙي ٻي نوڪري هاڻي ڪٿان ملندي.“

”ڇو نه ملندي، توهين ڪوشش ته ڪريو.“

”ڏسان ٿو.“

”ڏسان ٿو نه، پڪ چئو.“

سندر جواب ڪو نه ڏنو ته جسوتيءَ چيو، ”توهان جي اهائي روش نه ماري ٿي نه. شڪ به ان ڪري ٿي ته جاڳي ٿو. هڪ چيو ٻئي مڃيو، اهو نه آهي ٿي ڪو نه.“

”تنهنجي مرضي آهي ته مان نانڪيءَ سان رستو نه رکان، بس نه؟ مان هن سان هاڻي نه ڳالهائيندس.“

”نه ڳالهائيندا ته به ڇا، شڪل ته روز ڏسندس نه؟“

”ائين ته توهين به ڪيترن مردن جي شڪل ڏسندي آهين،“ سندر ڪاوڙجي چيو.

۽ ٻنهي ٻنهيءَ وچ ۾ اوشواس جي ديوار اُڀي ٿي ويئي.

سندر آفيس ۾ نانڪيءَ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

هڪ ڏينهن ناڪيءَ اچي چيو، ”سنتوشي صاحب، ٻاڻ سان گڏ ٻين ڪي ٻه نوڪريءَ مان ٽڪيٽ وٺڻ جو فيصلو ڪيو اٿو ڇا؟“

”ڇڪ چاهي؟“

”هي ڏسو، توهانجا ٻه فائيل مون وٽ ٽائيپ لاءِ آيا آهن. ڏيان سان پڙهي ڏسو ته ٻرافٽن ۾ گهڻيون غلطيون آهن.“

سندر اهي پڙهي ڏٺا، ٻراٻر ڪيتريون چڪون هيون. چيائين، ”معاف ڪجِ، رکي وڃ ته درست ڪري ٿو موڪليان.“

”ٻر توهانکي ھي ٿي ڇا ويو آهي! اڳي ته ڪڏهن ٻ اهڙيون چڪون نه ڪيون اٿو ... پلا ڪيئن ڪندڙ هيٺ ڪري ڇو ويٺا آهيو. مان ڪو توهانکي ڪائي ٿوري ئي ٿي وڃان.“

سندر ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ ناڪيءَ ڀانءِ ورتو ته هنجون اکيون وسڻ لاءِ آتيون آهن. چيائين، ”معاف ڪجو مون توهانکي غلط سمجهيو.“

سندر جواب ڏيڻ بدران روم مان نڪري ڪينٽين ڏانهن هليو ويو. ناڪي پڻ ماٺ ميٺ ۾ سندر پٺيان هلي آئي. ڪينٽين ۾ ٻنهي ناڪيءَ ٻن چانهن جو آرڊر ڏنو. سندر پاڻيءَ جو گلاس ڪڻي پيتو. چانهه آئي ٻئي پيئڻ لڳا. ڪنهن ڪان ڳالهائڻ نه ٿي اڪليو.

آخر نانڪيءَ چيو، ”سنتوشي! مون سان نہ ڳالهائيندا؟“

”نانڪي مونکي سنتوشي نہ چئو، اسنتوشي چئو، منهنجي دل ۾ ڪيڏي آنڌمانڌ آهي توکي ڪيئن ٻڌايان. مون جسوليءَ سان انجام ڪيو آهي تہ مان توسان نہ ڳالهائيندس ۽ اُن جي نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪندس.“

”مون نٿي سمجهو تہ توهين ايترو جذباتي بہ آهيو. توهين سمجهو ٿا تہ هيڏي پگهار واري نوڪري توهان کي هاڻي جلد ملندي؟“

”وڏي نہ تہ ننڍي ئي سهي. ڇا ڪريان، مونکان جسوليءَ جو شڪ سٺو نٿو وڃي. مونکي خبر آهي مان هنکي ڪيترو پيار ٿو ڪريان.“

”پر ڪهڙي خبر اِنءَ ڪنهن آفيس ۾ بہ توهانجو ڪنهن ڇوڪريءَ سان رستو ٿي وڃي ۽ وري جسولي توهان تي شڪ آڻي.“

نانڪيءَ جي اِن ڳالهہ سندر کي گويا ننڊ مان سجاڳ ڪري ڇڏيو. جوشيلي آواز ۾ چيائين، ”اهڙا ڳالهہ ناممڪن ناهي. زالون آهنئو ٻهوڙين نمبر جون حاسد! رڳو ٻگهہ ۾ قبضيداريءَ جو احساس ٻريل اٿن. پر اِن ڪان وڌيڪ آهو ٻوڙي!“

”برابر اسين حاسد آهيون، اسان ۾ قبضيداريءَ جو احساس آهي،“ نانڪيءَ ٺهر سان وراڻيو، ”پر

اهي خاموش نه ٿورئون گهٽيون موڙن ۾ ٻه آهن.
اسين جي ٻولي آهيون ته، توهان جي هلت ۾.
ڪڏهين ڪڏهين اسان لاءِ ٻولي ڏکي ٿيندي آهي.
جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي سا آهي ٻولي. ان
۾ نه سمجهه جو ۽ نه سياءَ جو ڏوهه آهي. سمجهه جي
وڪاس لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپي. توهان ڪڏهن جسوڻي
جي وڪاس لاءِ ڪوشش ڪئي آهي؟ ڪڏهن ڪيس
اخبارون يا ڪتاب پڙهي ٻڌائيندا آهيو؟"

"اڙي واهه! مان جڏهن هن کي ڪجهه نه پڙهي
ٻڌائيندو آهيان ته، اڪثر ڪري هوءَ جهوٽا کائڻ
لڳندي آهي."

"سو ڇا؟ هڪ دفعو جهوٽا ايندس، ٻيو دفعو
ايندس ٽيون دفعو ايندس. نيٺ ته ضرور دلچسپي
پيدا ٿيندس. مشڪل پڙهيل آهي. مان پهرين اٿين
ڪندي هئس ۽ ٻوهن جا ڳالهائڻ ڪائيندي هئس.
آخر نه هري وڃس ۾ هاڻي اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ
کان سواءِ نه جيڪر جي به نه سگهان انهيءَ پڙهڻ
سان دنيا کي نئين نگاهه سان ڏسڻ لڳي آهيان.
وري نوڪري ملي اٿم نه آڻي باقي نگاهه وسيع ٿي
پيئي آهي. توهين به ڇو نه ٿا جسوڻيءَ کي نوڪري
وٺي ڏيو."

"جڏهن مان ڪمايان ويٺو تڏهن هنڪان نوڪري

ڇو ڪرايان. گهر ۾ رڌڻ پچائڻ ۽ ٻيو ڪم ٻه ٽه آهي. ٻار جي پالنا..."

"نه ڇڏيو هوءَ، نڊٽي جي ٻورچاڻي ۽ آيا ئي ڪم ڪري ۽ اوهين صاحب عيش ڪندا وتو." نانڪيءَ جوش ۾ چيو، "گهر جي جوابداري جيتري هن لي آهي اوتري توهان ئي به آهي ۽ اها نه آيا به ڪري سگهي ٿي. جسولي نه توهان جي جهون ساٿڻ آهي. چوڏيواريءَ اندر، استرين کي ٻوسائي لنگدل بڻائڻ به اوهين ٻوءَ به ڇڏيو لـــ هو حسد جـــرن ٻڌليون آهن، ٻوولي آهن. اوهين هيءَ نـوڪري ڇڏي ٻـــي همت ڪرائو، لنهن ڪان نه بهتر آهي نه هنڪي نوڪري ولي ڏيو. اوهان کي همٿرئي هيڏي ٻگهار واري نوڪري ڏاڍي مشڪلات سان ملندي. هنجي نوڪريءَ سان ڏسجو منجهس ڪيڏو نه فيرو ٿو اچي، هنجو شڪ، حسد ۽ وشواس ڪيڏانهن ٿو غائب ٿي وڃي. منهنجو موهن چوندو آهي نه انسان کـــي سڌارڻ ۽ بگاڙڻ ۾ حالتن جو وڏو هٿ رهندو آهي."

سندر کـي نانڪيءَ جـــي ڳالهه دل سان لڳي. چيائين، "ليڪن هاڻي جي مان جسوليءَ کي نوڪري ڪرڻ لاءِ چوندس نه شايد نه مڃي ۽ دل ۾ لٽون شڪ جاڳيس. ان ڪانسواءِ اسين اڄ ڪلهه ٻاڻ ۾ تمام ٿورو ڳـــالهائيندا آهيون. گهر ۾ گهٽو ڪري موٽ ڇهڙو

سدائو ڇانيل هوندو آهي...“ چوندي چوندي سندر جو ڳلو ڀرجي آيو.

نانڪيءَ مرڪندي ساڻس چيو، ”اهو ڪم مان ڪنديس.“

* * * * *

اڄ نانڪي جسوتيءَ کي نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ ڌري گهڻت ڪامياب ويئي هئي. ڪمس انٽرويو ڏيارڻ لاءِ آفيس ۾ وٺي ويئي هئي......

سندر ڪلهندا - سنڌسار مان موٽي آيو ۽ ٿڌو ساهه کڻي اچي کڙو ٿيو. سندر ڪڪي ڏانهن نهاريو. هو گهريءَ ننڊ ۾ هو. گهر ۾ ٽوئل پکڙيل رانديڪا ٿانيڪا ڪري هو وڃي دريءَ وٽ ويٺو ۽ ويٺو رهيو. ٻريان نانڪي ۽ جسوتي کي ايندو ڏٺائين ته واپس اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

جسوتي خوشيءَ ۾ لهرائيندي اندر گهڙي. نانڪي چپ چاپ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهي. جسوتيءَ هيڄ مان پٽ کي چمي ڏيندي چيو، ”ٻلڙهن چڱو ٿيو اڄ توهان کي لنگ نہ ڪيو آهي...“

سندر انتظاريءَ مان پڇيو، ”هڪڙي ڏس ڪهڙي، ڇا نوڪري ملي ويئي؟“

جسوتيءَ ڪلي چيو، ”نوڪري تہ ملي ويئي. اڄ لي...“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

سندر ڪيترن ڏينهن کان پوءِ پنڌيءَ جي منهن
اي ٻيءَ ڏکو مرڪ پسي پاڻ ۾ کلي پيو. چيائين،
"آفيس پسند آئي؟"

جسوتيءَ پنهنجون آڱرون تي ڦيرائيندي چيو، "آفيس پسند نه آئي. پر آفيس جو وايومنڊل ڪهڙو! ڪنوارا، پوڙها ڇوڪرا ڇوڪريون سڀ هڪٻئي سان اهڙيءَ آزاديءَ سان پيا ڳالهائين جو ڇا چئجي. مونکي نه ڪم گهٽ هو ڪو نه، بس انهيءَ نئين ڳالهه تي پئي سوچيم. هنن سڀني کي انهن آزاديءَ سان ڳالهائيندو ڏسي انهن سمجهڻ ته هو هڪٻئي کي پيار ٿا ڪن سو هرو ڀرو صحيح ناهي. هنن جي وچ جا پهچائي آهي انهي هٿي پنهنجي جسي پهچائيءَ سان پرکڻ واجب ناهي. انهن پر لڳيم آفيس جي ماڻهن جي هڪ پنهنجي برادري آهي ..... اڙي نانڪي ڪيڏانهن وئين ......" چوندي جسوتيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي.

سندر جو ڪنڌ جهڪي ويو. جسوتيءَ پليان مڙي ڏٺو. نانڪي ڪنڊ ۾ بيٺي کلي رهي هئي.

جسوتي کيس ٻن آڱرن کان ڇڪيندي چيو، "منهنجي ڪري تو منهنجي گهوٽ سان اوٽي ڪئي آهي نه، هاڻي نه ڇڏي ڪرين."

نانڪيءَ چيو، "اوهان گهوٽ ڪنوار ته نه منهنجي

ڪري ٻالڪ ۽ اوٽي ڪٿي آهي؟"

جسوليءَ ٻنهي هٿن سان ٻٽيءَ جي هٿ جون ٻه
آڱريون جهليندي چيو، "اسان جي ڪهڙي ڳالهه آهي
اسين نه اٽي لٽي اوٽي ڪنداسين، اٽي لٽي ٻڌي
ڪنداسين." ؟ ٽنهي جي مکن آسي جهلڪي رهي
هئي هڪ الوڪــي مرڪ، جنهن ۾ وشواس هـــو ؟
سنتوش...... (١٩٤٩)

# ”پتنگن پُٺ ڪُٻو....“

شام ٿيندي هئي ته وديا جون اکيون وچي گهڙيال ۾ کپنديون هيون. جڏهن جڏهن لڳڻ جو وقت ويجهو پوندو ويندو هو، تئن تئن سندس انتظار وڌڻ لڳندو هو. در تي ٺڪ ٺڪ ٿئي، ان کان اڳ ۾ ئي هوءَ ڪڙو لاهي چوڙٽ کولي ڇڏيندي هئي. پر ان هوندي به در تي ٺڪ ٺڪ ٿيندي هئي؟ سُر تال ۾ ٿيندي هئي ۽ تيستائين ٿيندي رهندي هئي جيستائين هوءَ ٻاهر اچي در وٽ نه ويندي هئي. ان وقت هن جي تن بدن ۾ هڪ هلچل مچي ويندي هئي. هوءَ پٽ کي گول گول ٻانهن کي ڳلي ۾ وجهي ڪرسيءَ تي وهاري ڪٽليءَ مان ڪوپ ۾ چانهه اوتي ڇڏيندي هئي.

ليڪن اڄ... هوءَ هڪ ئي هنڌ ڄم ڪاٺي ويٺي رهي چلهه جي اڳيان ئي.....

”اسان پهچڻ فقط ۾ اچي ٿي ڏهئي ڇڏيو آهي. ڪهڙو نه سٺو ٻهانو آهي.“ والعمڻن جا اهي لفظ وديا جي مغز ۾ ڌان ڪري اڙي رهيا هئا. هن

جڏهن جڏهن انهن لفظن ڏي ڪن ٿي ڏنو، تڏهن تڏهن سعدس من کيس ٿڪڪار ٿي هڻين ”تو ڪوڙ ڳالهايو آهي... تو اڃا قدم ۾ ڪجهه ڪٿي ڏٺو آهـي؟... ڪٿي ڏٺو آهي...؟“

وديا ڪنن تي ڪلهي هٿ رکيا. ”۽ مون وٽ آهي ئي ڇا جو ڏيان؟“ مـن سان دليلبازي ڪيائين. ”مون وٽ ته نـ آهي پئسو ٻچڙ، ناهي مٽيو ميڌي جيڪو ڪجهه هو سو ته اڳ ئي آزاديءَ جي آهوليءَ ۾ سمائـجي ويـو هو...“ هوءَ سعد جي يادگيرين ۾ کوهجي وئي...

... ... ... ...

آگسٽ ۱۹۴۲... مهاتما گانڌي، جواهرلعل ۽ ٻين اڳواڻن جي گرفتاري... ”ڪئٽ انڊيا“... ”ڪرينگي يا مرينگي“... ”انقلاب زنده باد“... جي صدا اُٿي ۽ اُنهيءَ پڙاڏو ڪاليجن ۽ ڪارخانن، شهرن ۽ ڳـوٺن مان ٿيندو گهر گهر ۾ پهتو......

”اڙي اڄ ٿي، منهنجو ته ساهه ٿي سڪائي ڇڏيئه؟ هيتري دير ڇالي ڪئي؟“ ماءُ وديا کي گلي لڳائيندي چيو.

”اما، دادا ڪٿي آهي؟“

”اهو ته لوڪي الائي ڪٿي ڳولڻ ويو آهي. چيائين ٻڌي، اڃا ڪاليج ۾ نٿين نٿين آهي، انڪري

اُتي تو ڏسڻ وڃانس، اُتان پوءِ ان ڪانگريسي سنتوش وٽان ٻه ٽيهدو ايڊدس."

"ڪاليج ۾ ته ڪڪڙڪو لڳي پيئي آهي. سنتوش ٻه اسان سان گڏ موٽيو آهي؟" وديا ورائيو.

"ڪٿان؟"

"داس گارڊن مان."

"اڇا اُتي گهمڻ ويئي هُئين ڇا."

"گهمڻ نه ويئي هئس، پر پوليس چڙهي آئي هئي. اُتي مان هڪ ٽوليءَ هئس، سوين ٻيا به نه هئا. امين چيا ته سوڳس هئي! سڀ ڪاليجي ۽ اسڪولي شاگرد هئاسين. پوليس آئي اسانکي چوڪڙ ڪرڻ لاءِ. رڙيون ڪيائون. مجال آهي جو ڪو چوري. سڀني اُٽالي کي ڏٺي گرفتار ڪيائون. پلا جيل ۾ ڪڏهن کي رکي ڪڏهن کي رکندا، سو سڀني کي پوليس چونڪي ۾ ڪجهه وقت وهاري پوءِ ان پوءِ ان وچي چڙهي آيا. امين، هاڻي انگريز ٻچي ڪسي ديس مان هڪالي ٿي دم پٽبو..."

"پڌو پڌو، ڦوس ڦدڪي. وڏي آئي آهي انگريز کي هڪالڻ واري. ڏيءُ ڏڻ ٿسي ڪري ڳالهيون ڪهڙيون وٺي ڪرين؟ ديس جي پڳ جڳ توکي اچي پيئي آهي. ڪاليج پڙهي قابل ٿيءُ ته ڪو ور گهر ۾ سٺو ملبئي."

”اڙي امين هاڻي وقت اٻڪلهه ڪاليج ڪير ٿو پڙهي! اڄ ڪاليج ۾ ڪتابن بدران اخبارن جو اڀياس پيو ٿئي. ڪاپين بدران ٻلمعون پيئون لکجن. جيڪي نت شت وارا نڪمٽا ڇورا هوندا هئا، سي اڄ پڙهڻ ۽ رومانس جا پروگرام ويڙهي، انگريزن کي تڙڻ جا پروگرام پيا ٺاهين.“

”چڱو هاڻي ڳوٺ ٿيو ، ڪجهڙا بدلائي اچي ڪاڻ.“

”امين اڄ ڪانڌ تي دل ني نٿي ٿئي.“

”ڇو ڀاهران ڪاڻي آئي آهين ڇا؟“

”نه، ڳڀو رسيس ۾ تورو ڪاڏيم. ۽ جڏهن ئي سرڪس لڪتي، لڳن ڳڀو ٻاهر ڀڳي پيتوسين ۽ قومي راڳ پئي ڳائڻا سين. نعرا پئي هڻيا سين.“

”مان به چوان نڙي ڏاڍهن گهگهي ٿي اٿيئي.“

”ها امين، اڄ ته ڪمال ٿي ويو. اللاهي ڪتان ايتري سهن شڪتي آئي. پوليس اسان لاءِ ڪاڏو ڪٽي آئي ها مجال آهي جو ڪو ڪٽي داڻو ڇڪي. وڏا انگريزي عملدار آيا، عرض ڪيائون ته به ڪنهن نه ٻڌي. اصل اسڪولي ننڍا ٻار به ٻڪ ٿي رهيا. انڪري انهن کي جلد آزاد ڪيائون. اسانکي مارشل لا ڪورٽ ۾ وٺي هليا. اتي وارننگ ڏنائون ته جي ٻيهي دفعي آيا ته لڪا به ڪائيمدا، جيل ۾ به ويندا. پوءِ پوليس لاريءَ ۾ چاڙهي ڪن کي داس باغ، ڪن کي قلملي، ڪن

ڪي اسٽيشن، ڪن ڪي قلعي تي چڙهي آئي. اسين ٻه داس باغ مان ٻيرين ٻعد سرگس ناهي، گيمپ ڳائيندا، نعرا هڻندا اچي شهر پهتاسين. شهر ۾ ھشام ماڻهن جا اسانکي ڏسي ٻاڻ ٻه پيا نعرا هڻن. ڌارين خلاف جا ته جوش هو. اسين چيستائين ديس کي آزاد نه ڪبو ليستائين سک نه ...“

”اڙي آئي تنهنجي لاڏلي؟ ڪيڏانهن ويٺي هئي سڏ اٿيئي؟“ ٻيءَ گهر ۾ گهڙندي ئي چيو.

”ها، اين سان گڏ سرگس ۾ ويٺي هئي. پوليس گرفتار ڪري ڇڏي ڏنن“

”اڄ پوليس ۾ ويٺي، سڀاڻي جيل ۾ ويندي. ڪل جو نالو نه پو ڙيائين نه.“

”دادا، هي ڇا ٿا چئو! ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جيل ۾ وڃڻ ڪل جو نالو پوڙڻ آهي! ان مان ته ٻاڻ ڪل جو نالو روشن ٿيندو.“

”هاڻي گهڻو ٿيو. ڪاليج ۾ ويٺي آهين ته ڪڙجي پئي آهين. باقي ٻه ان سنتوش جي سنگ ۾ تـــه زبان ئي ڪلي پيئي اٿيئي. هاڻي ڪاليج ۾ وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي؛ نڪو وري سنتوش سان رستو رکج. جيڪڏهن رستو رکيئه، ته پيا ٿون گهر ۾ هوندئين يا مان.“

وديا سڄو سال ڪاليج نه ويئي. جڻ گهر ۾ قيد

هئي. هوڏانهن سنتوش ۽ سچو سال انگريزن جو قيدي مهمان هو. جڏهن ڏينهن هو آزاد ٿيو، تڏهن ڏينهن ئي وديا وٽ ڪيس ڳڌي. ٻئي ڪي آزاد ٿيا هئا، وچڙيل ساٿي ڳلي مليا هئا. مهاتما گانڌيءَ جي مورت اڳيان سڀ ڪي ساٿي ٻڌائي هڪٻئي کي جيون ساٿي ٻڌايائون. سرڪاري دفتر ۾ صحي ڪري ان ئي شاديءَ جي مهر هڻيائون. نه شهنائي وڳي، نه ڳلن جي ورڪا ٿي، نه ڪا محفل مٿي.

سهاڳ رات جڏهن سنتوش چيو، "وديا، شاديءَ لاءِ ڪهوٽ، ڪدوار ڪي مٺيا منهنون، ويس وڳا، ٻڌڪ ٻڌلس، الاجي ڇا ڇا سوڪڙيون ڏيندو آهي، ليڪن مون وٽ نه اهو ڪجهه ڪونهي. مون وٽ نه فقط 'مان' ئي آهيان جو نه توکي..." تڏهن وديا روئي پيئي هئي.

"اڙي ٻڳلي روئين ٿي!"

"الاجي ڇو... تنهنجي همدرديءَ هردي کي لوڏي وڌو."

"مونکي معاف ڪج."

"سنتوش، جڏهن تو وٽ آيس ٿي، تڏهن ٻليان سڀ دروازا بند ڪري آيس، آسون اميدون ٻلي آيس. مٺي، پٺي ۽ ويس وڳي جو موه آزاديءَ جي ٻڪم ۾ آهولي ڏيئي آيس. گذريل ٻارهن مهنن ۾ مون

الاجي چاچا ٻُڌو آهي، چاچا سوچيو آهي. منهنجن مائٽن منهنجي مرضيءَ خلاف شادي ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي واجهه وڌا. پر هرڪو ڇوڪرو واکوڙ وارو وات ڦاڙي ويٺو هو. منهنجا مائٽ اهڙا شاهوڪار ته ڪونهن جو انهن واڳهن جو پيٽ ڀري سگهن..."

"تڏهن ئي توکي مون سان لائون لهڻ ڪان روڪيائون ٿي!"

...  ...  ...  ...

"دور هٽو، دور هٽو، اي دنيا وارو، هندستان همارا هي" گنگنائيندو وڏيا جو پٽ گل جڏهن اچي هنجي سامهون بيٺو، تڏهن وڃي هوءَ يادگيرين جي سنسار مان سجاڳ ٿي.

"ممي. ڪون روئين ويٺي! دادا توکي چڙهيو آهي ڇـــو؟"

وڏيا مرڪي ڪنڌ سان ناڪار ڪئي. نناڻ لاءِ چپائين، "توکي هٿ مٿان ذري اچ ته ڇانهه پياريانءِ."

"نه، پهرين پڌاءِ توکي ڇو ٿي روئين."

"پٽ ڪجهه ڪونهي."

"پهرين پڌاءِ نه ته مان به روئيندس."

"نه نه، پٽ مان توکي روئڻ نه ڏيندس،" چوندي وڏيا پٽ جا ڳول ڳل ڳچ دفعا چمي ورتي.

"نه پڌاءِ، ڏاهي آهين نه."

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”پٽ اڄوڻ ڳالهيون ياد اچي ويئون.“

”ڪڏهن جون؟“

”جڏهن تنهنجو دادا آزاديءَ لاءِ انگريزن سان لڙيو هو ۽ جيل ويو هو.“

”هان ممي! ته مان به هاڻي ڌارين حملو ڪندڙن سان لڙندس ۽ جيل ويندس.“

”نه پٽ، تون اڃا ٻار آهين.“

”سو ڇا ممي، اڄ اسڪول ۾ ته ڏاڍو مزو هو.“

”ڇا هو؟“

”سڀ وقت راڳ ڳائيندا رهياسين. وچ وچ ۾ پيا نعرا هڻندا رهياسين، ڪڏهن ڪي ڪي ڪوٽائي ڪندا هئاسين. خوب ڏاڍو مزو آيو.“

”پوءِ؟“

”ممي، مون پنهنجي سڄي خرچي ڏيئي ڇڏي. اسانجي ستين درجي جي ڪلاس مان سڀني پنهنجي خرچي ڏني، پر ٻين ڪلاسن مان سڀني نه ڏني.“

”موري وڃانس، تو رسيس ۾ ڪجهه نه کاڌو. بک ڏاڍي لڳي هوندءِ؟“

”لڳي هئي، پر هيڊمر بک ڪانهي.“

”نه نه، ٻهوڙا هٿ مڙهن ڏوڙي اندر صفحي تي هل. ڇانهه ڪٽي ٿي اچانءِ.“

”ڇڪو اڄ، ممي ڪيترن ڇوڪرن اسان آنا به ڏنا

ٻر مان ئـي هوس جڏهن گـهمت ۾ پئسا ڏنـا.
ڇوڪرن چيو ته ٽون غريب آهين. ممي اسين غريب ڇو اهيون؟"

"ڇو ته اسان جو ملڪ غريب آهي."

"پوء اهو شاهوڪار نه ٿيندو؟"

"ڇو نه ٿيندو..."

"ڪڏهن ٿيندو؟ جلدي ٿئي نه."

"پٽ، وقت لڳندو. اسانجو ديس شاهوڪار ٿيڻ لاء ئي ته آدم ڪري رهيو هو پر چين کـي اها ڳالهه نه وڻي. انڪري اسان تي حملو ڪري ڪونس ڪئي اٿس، جنن واڌارو ڪري نه سگهون."

"ممي، ڪونس ڪيئن ڪئي اٿس؟"

"اسانجي حد ۾ گهڙي آيـو آهـي. چوڻو ملڪ منهنجو آهي."

"جنن پاسي واري موهن ماما اسانجي در ٻرسان اچي پهريجا ٽپڙ رکندي آهي؟"

"أنـکـي ته سيدي چـال وارن گڏجي ٽپڙ ڪٽائي ڇڏيا نـ؟"

"ها، پٽ."

"هن چين کـي به اسين ٽپڙ ڪٽائيندا سين."

"او ودـا، ٻڇي وڃا سين... اڙي ٻڇي وڃا سين."

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

چونڊو سنتوش، گهر ۾ گهڙيو ۽ گهڙنديئي وڏيا ۽ ٻٽ
کي ٻنهي ٻانهن ۾ جهلي ڪٽي مٿي ڪيائين.

”ٻاراڻي ڇڏيو. ڪيو ڏسي نه وٺي. ڳالهه ڪريو،
ايترو ٻوڙ ۾ ڇو ٻڌجي ويا آهيو؟“

”اسانجي ٻـرڌان منتريءَ اعلان ڪيو آهي تـه
چين جـي حملي ڪري ٻي طرفداريءَ جـي نيتي
ترڪ نـه ڪنداسين ۽ سوشلزم جـي آديش کان نه
هٽنداسين.“

”سو ڇا؟ اسين ڪيئن ٻڏي وياسين!“

”اڙي ٻگلي سمجهي نٿي ته جي ٻي طرفدار نيتي
ڇڏي آمريڪي بلاڪ ۾ شامل ٿيون ها تـه اڄ نه رڳو
اسانجي پر سڄي دنيا جـي آزادي ۽ امن آڳ جي
شعلن ۾ وڪوڙيل هجن ها.“

”هون!“

”۽ سوشلزم کان هٽڻ کان اسانجون سڀ قربانيون
وڃن وڃن ها، اسانجا سهاوڻا سپنا وڃان ٿي وڃن
ها. وڏيا، هاڻي وڃي اميد جاڳي هئي تـه هٽي
سوشلزم اينديي سک جو ساهه کڻبو. ان اميد تي ئي
ٽڳي ٻاٽ اونداهي جهڙي زندگي ڪاٽي آئيون. دشمن
نٿو چاهي تـه اسين ڪو سک جو ساهه کڻون. پـر
اسين ڪيس هٽان هڪالي، سندس مرادون مٽيءَ ۾
ملائينداسون.“

”هون!“

”رڳو هون هون پيئي ڪرين. ايتري سانت ۾ ڇو آهين، طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟“

”دادا، مان آئس ته مميءَ رنو ويٺي،“ گل چيو.

”هان، سچ؟“

”اڄ صبح جو والنٽيئر آيا، قومي بچاءَ لاءِ مدد گهريائون. چيومان، 'اسان اڳيئي ڏيئي ڇڏيو آهي.' هڪڙي کي چوندا ويا، 'ڪهڙو نه سٺو ٻهانو ڏنائين' اهو ٻڌي دل ڏاڍو ڦٽڪاريو آهي، مون ڇو ڪوڙ ڳالهايو. ڏک به ڏاڍو پيو ٿئي. اهو زر زيور به ڪونهي جو ڪٿي وطن تان وارجي.“

”بس، ڳالهه ايتري. پر تو ڪوڙ ته ڳالهايو ڪونه. تو وٽ جيڪو ڪجهه هو سو ته ١٩٤٢ع جي ڪٺن انڊياهلچل ۾ سهائتا ڪري ڇڏيئه. ڪاليج کي نوڪر هئين. مت مائٽ ڇڏڻا پيئه، زر زيور، واس وڳا سڀ لٽ ڪري ڇڏيئه. صحت جي به پرواه نه ڪيئه.“

”پر توهانجي صحت ته ٺيڪ آهي نه. شڪل ڪجهه ساڻي پيئي لڳي... اڄ هيءَ پٽي ڇا جي ٻڌائي اٿو؟“

”ڪجهه ڪونهي. رڳو ٿورو رت دان ڪيو اٿم.“

”مان به چوندم رت دان ڪريان،“ وديا اُلساهه سان چيو.

"پر... وڏيا... ٽوڪان رت نـــ وٺندا." چوندي سنتوش جي دل ڀرجي آئي. "...اسانجي پرائمري ماستر مان به ڏگو مهينو رت ورتائون."

"دادا، مميءَ پڻ مان رت ڏيندس."

"واه، سوريه پٽ واه!"

"دادا، مون اڄ پنهنجي سڄي خرچي دان ڪئي. اسان جي سڪول جا سڀ شاگرد روز هڪ پيسو دان ڪندا."

"ته مـــان هاڻي ديس لاءِ ڪجهه مدد نه ڪري سگهندس؟" وديا جو ديپال درد اُڇل ڪـائي آنسو ڳاڙي پيو. "نه، نه، ائين ڪيئن ٿيندو؟"

"اڙي پڳلي، تنهنجو اهـــو احساس ئي اسانجي آزاديءَ جي راه ۾ وڏو مددگار آهي. ڏگو ان ڪـــي پنهنجي چوڌواريءَ ڪاٽين اڪاٽي نه رکج، ٿهلائج، ائين جئن اجالو اندڌيري ۾ ٿهلجندو آهـــي" چوندي سنتوش ليٽي پيو. اندر ۾ پيو پڇائيندو رهيو.

وديا اُٿي بتي ٻاري. ڪمرو روشنيءَ سان ڀرجي آئيو. الاجي ڪٿي اڪل ٿيڪ. اڇي بتيءَ آ ي مڙيا. جڏهن ڏسندي هوءِ خيالن ۾ ڪوهجي وئي.

(١٩٦٣)

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# جيون ساٿي

”اڇها، ممي اڇها“ ننڍڙي رميش چلايو. هن جو مڌرو آواز سڄي ٿهليل پارڪ ۾ دور دور تائين مڌر مرليءَ جي آلاپ وانگر روئيا جي ڪنن ۾ گونجي ويو. ليڪن هن جو سوال بنا جواب جي اُن ايڪانت ۾ ئي ٻڏو رهيو، گويا، اُن ۾ ڪا جان ئي نه هئي.

اڄ بمبئي جو سمنڊ به ماٺو هو. پارڪ جي وسيع ميدان ۾ ٿهليل چانڊوڪي پڻ موڪي هئي. رات جا ساڍا ۱۰ لڳا هئا. پارڪ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ جوڙي ڪانسواءِ ڪوبه ماڻهو ڇيڙو نٿي ڏسڻ ۾ آيو. رميش جي سهڻي آواز کي هوندي شيوارام جا ذرا ٻوڙا ڪن مشڪل سان ٻڌي سگهن ها، پر اڄ هن ٿڌها پارڪ ۾ رميش جي ”ممي“ لفظ هن جي جسم ۾ گويا جان ٿوڪي ڇڏي. هن اکڙو قدم وڌايو ۽ روئيا وٽ پهچي ويو.

”روئيا، رميش ۽ ميوه جو به ڪو خيال نه ڪيئه. هو صبح جو اُٿي کڻهن کي ’ممي‘ ڪري پڪارين ها.“ شيوارام چيو.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”آخر مان ٿي سڀني جو خيال ڪرڻ لاءِ ڄائي آهيان يا منهنجو به ڪو خيال ڪرڻ وارو آهي،“ روبا جي آواز ۾ نا اميدي سان گڏ نفرت به ڀريل هئي.

هوا جي تيز جهونڪن ۾ روبا جو سڄو آواز اڏامي ويو ۽ ٥٠ سالن جي پوڙهي شيوارام جي ڪن تي خير ڪو اڌ پهتو. ”ذرا زور سان چئو روبا.“ روبا جي دل ڪڙهڻ لڳي. بنا جواب ڏيڻ جي رميش کي ٻانهن کان وٺي اچي موٽر ۾ ويٺي. شيوارام پڻ هيڪلي سالت ۾ رهڻ ڏنو. هن اهڙي اک کليا هئا جو روبا کي ڳولي لڌو هئائين ۽ پيهڙيءَ کان ٻچي ويو. تنهن ڪانسواءِ هيڪي جهونا ٻه ڏ اچي رهيا هئا.

موٽر بنگلي ڏي پهتي. ٻاهر چڱا ئي ٻاسي وارا چمگويا ڪري رهيا هئا. ليڪن روبا جي اچڻ تي گويا اٿاهه شانتيءَ جو سمنڊ وهي هليو. ڪنهنجي ٻه وات مان اکر نه نڪتو. هو هڪ ٽڪ ٽي ويندا رهيا. ”ڪهڙي نه حسين آهي،“ ٻاسيرو ڪنهن جوان ٻئي کي چيو. جنهن به سانگي لهجي ۾ وراڻيو، ”پدي ۽ ٻالڪيءَ جو هي عجيب ميلاپ آهي.“ روبا هيءَ گفتار جهٽي ورتي. هو ٻئي رهندا رهيا ۽ روبا وٽ سوچڻ لاءِ ڪاڏو ڇڏي ويا.

شيوارام نه جلدئي وڃي آرامي ٿيو. ليڪن روبا

جي نيڻن ۾ ننڊ نہ هئي. هن چاهيو تہ ڪاش ڪو
همراز هجي جنهن سان ڪي گهڙيون رهاڻيون ڪري
هيانءُ ٺاري. شيوارام کي تہ اصل ننڊون حرام هو.
هوءَ پاسي واري ڪمري ۾ نري گهٽ پاڻ جيڏي
مائيلي ڌيءُ پشپا وٽ ويٺي تہ متان اُها جاڳندي
هجي، مگر هوءَ البيلي ۽ بہ ڪنڌ اُڪر سمهي پيئي
هئي. نائيٽ لئمپ جي جهڪي روشنيءَ ۾ روپا
هنڌڪي چتائي ڏٺو. ”ڪهڙي نہ خوش نصيب آهي
هوءَ، جو پنهنجو ساٿي پاڻ ئي ڳولي رکيو اٿس،“
هوءَ سوچڻ لڳي، ”هوءَ اُن سان گڏ گهمي ٿي، ڦري
ٿي، محبت جون رهاڻيون ڪري ٿي، بحث مباحثو
ڪري ٿي. ڪهڙي نہ چالاڪيءَ سان هن پيءُ جي
اکين ۾ ڌوڙ وجهندي رهي ٿي. پشپا جي ڪهڙي
نہ لاثاني زندگي آهي. مان ڪهڙي نہ اڀاڳي آهيان.
ڀلا مون ڇو نہ ائين ڪيو. مان ڇو نہ هن جيترو
انگريزي پڙهيس.“ هنجي دل ۾ سندس گذريل
جيون جون گوناگون تصويرون اڀري آيون.

روپا اُن وقت ١٩ سالن جي هئي. انگريزي ڇهون
درجو پاس ڪيل هئي. هندستان جي ورهاڱي هٽي
سندس مائٽن جو حال هيٺو ڪري ڇڏيو. پيءُ تہ
لڏ پلاڻ جي لوڏن جي سٽ جهلي نہ سگهيو ۽ وڃي
ساهمون سڪائو ٿيو. باقي رهيس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ، جن

وٽ ڪـــاڻڻ لاءِ ٻورو ٻڌسو ڪونہ هو، سي ڀلا ڪيئن
ڏيتي ليتي ڏيندا، جـو هنڪي دل گھريو ۽ آکيو
جيون ساٿـــي ملي سگهي. اهڙي وقت ٿوري رات
جـو سٺيون ڦورن ڏيڻ بعد رهيا شيوارام جـــي سنسان
محل جي عمر ڀر لاءِ ٻاندي ٻڻجي ويئي ۽ لڏهن سان
گڏ ئي ٻارن جي آيا پڻ!

روپا ٻالڪپڻ ۾ وڃي ويٺي. هنجي دل ۾ آنند-
ماند جاري هئي. ٻن سالن جـي عرصي ۾ هن ٻنهي
جيون جو خير ڪو سک ڏٺو هو. اڳ ڏينهن نہ جهڙن
لڳن ڪري اُبوري ويندو هئس... ڪڏهـن ساهيڙيءَ
وٽ نہ ڪڏهن سنيما تي تہ ڪڏهن ساهت پڙهڻ
۾. ٻر هيڏنهن تہ اهو ٻـ، وڏي ٻوندو هوس. مشغوليءَ
لاءِ جنسي ٿـڙقندي هئي. ڪاري رات جـــو خيال
ڪندئي هوءَ ڪنبندي هئي. اجها اهـــ زندگيءَ جي
شروعات هئي. اهڙيون ڪاريون راتيون تہ سوين...
هزارين اچڻيون هيون. هوءَ ٻـــڻ ٻـڻ ڪرڻ لڳي،
"ٿوري لمبي زندگي ڪيئن ڪاٽي سگهنديس."

هوءَ اُٿي ويٺي. هنجي لال اکين مان جنسي باه
جا اُلا نڪري رهيا هئا. هن چاهيو تہ شيوارام کي
اُٿاري ٻڌائس تہ شادي وقت کيل ٻتي تڙم ٻالڻ
جا انجام ڪيڏانهن اُڏامي ويـــا. ليڪن هنجا قدم
اڳتي وڌي ٻـ ڙڪجي ويا. هنجي دل ۾ هڪ دفعو

خيال آيو ته ڇو نه هن ڪجهه زندگيءَ جو خاتمو
آڻيان ۽ سامهون ڇوليون ماريندڙ ساگر ۾ سمائجي
وڃان. هن سچ پچ اڄ اُن لاءِ ڪوشش به ڪرڻ
چاهي هئي. ليڪن اُن ۾ ڪامياب نه ٿي، شايد
زنده رهڻ جي خواهش ئي هئي جو هوءَ ان راهه تان موٽائي
پارڪ ۾ آندو هو، جتان شيوارام گهر واپس وٺي آيو
هوس.

روپا سوچيو ته ڇا پشپا به ڪڏهن پنهنجي زندگي
جو انت آڻڻ لاءِ ويچار ڪيو هوندو؟ جيڪڏهن پشپا
پنهنجو جيون ساٿي چوندي سگهي ٿي ته ڇا هيڏو
مونکي اهو حق ناهي ڇا؟ مگر سماج... روپا محسوس
ڪيو ڄڻ شيوارام جهڙن سماج جي ٺيڪيدارن جون
انيڪ تصويرون هنکان پڇي رهيون هيون، ”ڇا تون
سماج جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندينءَ؟“

هوءَ فيصلو نه ڪري سگهي ته آخر ڇا ڪري.
هنجي حالت اُن ٻڏندڙ انسان مثل هئي جو وچ سير
۾ اُن اُميد ۾ ٽاقوڙا هڻي رهيو هو ته ڪنهن ڪنهن
جي مدد ذريعي ڪناري رسي وڃي. هوءَ واپس پشپا
جي ڪمري ۾ آئي ۽ پڙهڻ لاءِ ڪو ڪتاب ڳولڻ
لڳي. ڪٻٽ ۾ ڀانت ڀانت جا ڪتاب رکيل هئا جن
۾ ڪرشن چندر، يشپال، عباس، گربخش سنگهه جا ڪتاب
پيا هئا ته فلمي اخبارون به هيون. روپا ته اُنهن سڀني

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

کي پڙهي پورو ڪيو هو. هن گوبندسنگهه جو ڪتاب "ٻارڻا" ڪڍيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٽيبل لئمپ ٻاري پڙهڻ لڳي. پڙهندي پڙهندي نامعلوم ڪيڏي مهل ننڊ ڪري ويس.

(۲)

شيوارام جون اکيون هيئنئر گهڙيال کان ٻري ٽٻڻ لاءِ تيار نه هيون. جهنجهلائيندي چيائين، "ڏهه لڳي ڏهه منٽ! حد ٿي چڪي!" پکو چالو هوندي به هنجي نوڙ تي پگهر جا ڦڙا نمودار هئا. راموءَ کي موٽر تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، ڪوٽ ڪلهن تي وجهي، رمليس عينڪ جا شيشا اگهندو هو هيٺ لٿو. موٽر تيز رفتار سان هلڻ لڳي. الاجي ڇو اڄ شيوارام جو اندر ڪجهه ڪائي رهيو هو. هنجي دماغ ۾ طرحين طرحين جا خيال اڀري رهيا هئا "روپا ڪيڏانهن ويئي هوندي؟ جيڪڏهن ٻول نه هجي ته..... هن ڇوڪريءَ نه سنائي ماريو آهي. شادي ڪين ڪئي اٿم پر جيسي اڄ ڪي ويو آهيان. اڄ هن سان هڪ هڪالي ڪندس. ڪيترو وقت ماڻهن جي ڳالهه ٻڌندو رهندس ۽ بيعزتي ٿيندي ڏسندس.

ڇهه مهنا اڳ جڏهن روپا پهريون دفعو گهر ڇڏي نڪتي هئي، تڏهن کان وٺي شيوارام ان تي چوڪسي رکندو هو. ٻار ڏندي ۽ ڌرم جي پوڄا ۾ مشغول رهندڙ

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

شيوارام جي اکين ۾ سڄو ٻسائڻ جوان روپا لاءِ ڪا
وڏي ڳالهه نه هئي. مدت بعد هڪڙي ساٿي ملي ويو
جنهنکي ٿي پڌهڻي دل جو هزار اهڙو هڻائين.
ليڪن سعدس ساٿي، شيوارام کان ڳجهو رهي نه
سگهيو. هڪڙي ٻنهي جي ساهيڙين اڳيان ۾ روپا جي
ساٿيءَ جي ٻيهڙ نه هئي] جي وارتان انجو سواءِ ملي
ويو ۽ راست جو روپا جي ٻئي سان اچڻ ۽ هن ۾ آيل
خيالن جي اُٿڙي تبديليءَ جو راز ٻڌڪي ورتو.

مونو ٻڙيل جي هڪ جهوني ٻراڻي عمارت اڳيان
اچي بيهي رهي. شيوارام اڪڙو لڪڙو ڏاڪڻ چڙهي
بسنت جي ڪمري وٽ پهچي در کي ٺڪو ڏنو ۽
اندر جيڪي ڪجهه ڏٺائين تنهن حواس خطا ڪري
ڇڏيس. سعدس ٻيو چاهت وٽ ٿي روڪجي ويا ۽
ائين محسوس ڪيائين گويا ڪنهن زوردار ٿڦڙ لڳائي
هجيس. ڪمري ۾ روپا ۽ بسنت ڪٺا اچي ويٺا هئا.
روپا ذرا هيسجي وئي ۽ ڪٺ لان لهي اچي بيهي رهي
شيوارام رنيدي چيو "ڪمذات، ڪميڻا، نيچ، ٺڳي
جا ٺيڪيدار جا ڪلارڪ ... توکي اهڙي همت ٿي
آهي ......"

بسنت هڪڙي اڌ ۾ ئي روڪيندي وراڻيو،
"شيوارام ـ ڪمذات آهيان نه پنهنجي گهر سکي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

آھيان، تو وٽ بيکہ پڙھڻ ڪونہ آيو آھيان. ھڪ استري
جي زندگي تباھہ ڪندڙ تي ڪميڻو ۽ اٺچ سڏجي
سگھجي ٿـو."

"ھا، تـون بيکہ پڙھڻ ڪونہ آيو آھين،" شيوارام
ٺهڪندي چيو "مان توکي ڏيکاريندس......"

"ھل ھل، توکوي کساڻيندين نـہ. موتکي انجي
پرواہ ناھي. مـان ڪا محنت مزدوري بـہ ڪري
سگھان ٿو."

شيوارام سمجھيو تـہ وڏيڪ وستار ڪرڻ ٺيندو
پنهنجي عزت ۾ وٽو وجھڻو. ھن سوچيو تہ آخر ڏوھہ
ڏ سندس روپا جو ني آھي، جا ھن وٽ ڏکا کائي
مٽي آھي. ھـو سور پي روپـا کي ولي اچي موٽر ۾
ويٺو. ھنجي دل ڪـوھڻ لڳي. "آخر روپا ھن کٽل ۾
ڏنو چاھي جـو ڪوہ کھي تـي اچيس. ھن چاھيو
تہ ھن کان انجو سبب پڇي، پر ڊرائيور جــو خيال
ايندئي ھن جي زبان تـــي آيل اکر بہ واپس موٽي
ويـــا.

موٽر تيز رفتار سان بمبئي جون شاھي سڙڪون ۽
بازارون پار ڪندي ھوا جي لھرن سان ٽڪرجـندي
ھلندي ھلي. روپا جـي دل دک دک ڪرڻ لڳي تہ
آخر شيوارام جي شانتيءَ جـو ساگر جو بند ڪڏھن

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ٽڪندو. هن محسوس ڪيو ته، شيوارام سان گهاريل اڍائي سالن جي حياتي پسمت سان ڪن گهڙين جي رهاڻين جي ڀيٽ ۾ صدين جي غلامي پئي لڳي.

هنجي دل ۾ زبردست ڪشمڪش پيدا ٿي...

"روپا، ٿوري شيوارام ۽ پسمت جي ڀيٽ ۾ هميشه لاءِ هڪ جي فائدي ۾ اج فيصلو ڪرڻو پوندو. هڪ جهوني کهدي سماج جو ٺيڪيدار ۽ ٻيو نئين سماج جو علمبردار. هڪ سست بيڪار زردار ٻين جو خون چوسي ناڻو ڪٺو ڪري ٿو، ٻيو انهي خلاف جدو جهد ڪري ٿو." هن دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ته، شاهوڪار شيوارام جي داسي ٿي زندگي گهارڻ کان پنهنجو ڪمائي، غريب پسمت جي جيون ساٿي ٿي سومان پسند زندگي گهارڻ هزار ڀيرا ٻهتر آهي. موٽر گهر پهچي وئي.

روپا اج سمهي نه پئي. هنکي گهڻو ڪجهه چوڻو ۽ پڇڻو هو. هوءَ ڪوچ تي ٿي ويهي رهي. ڪمري ۾ سناٽو ڇانيل هو. پشپا پنهنجي ڪمري ۾ آرامي هئي. گهڙيال ٻارهن جا ٺڪاءَ هنيا. شيوارام سناٽي کي چيريندي ڪاوڙ ۾ چيو، "روپا، آخر هي قصو ڪيستائين هلندو؟"

"انيستائين جيستائين اسين زنده آهيون..."

”توکي نه منهنجي، نه پنهنجي خاندان جو خيال ٿو ٿئي.“

”مونکي ان خاندان جي ڪا به پرواهه ناهي، جنهن مونکي هن اوڙاهه جي ٻري ۾ هنيو آهي.“

”ته پوءِ مون سان شادي ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟“ شيوارام جو ڪروڌ وڌندو ٿي ويو.

”مون پاڻ شادي نه ڪئي، پر مونکي شادي ڪرائي وئي، انجو مطلب ته توهانکي سوچڻ کپندو هو. مونکي سوچڻ جو موقعوئي نه ڏنو ويو.“

”مون شادي ڪرڻ وقت سمجهيو هو ته تون منهنجي ٻارن جي پالنا ڪندين ۽ پنهنجي پتيءَ کي ديوتا سمجهي هن جي شيوا ڪندينءَ.“

”ٻارن جي پالنا؟... مان آيا ته نه هئس. پتي اڄ مون لاءِ ديوتا ناهي، هڪ انسان آهي، جنهن سان اهڙوئي ورتاءُ ڪرڻ گهرجي جهڙو هو پاڻ ڪري ٿو. پتي شيوا جي نالي ۾ توهان هميشه گونگين استرين کي غلام رکيو آهي. پنهنجي من کان ڪي پڇي ڏسو ته توهان ڪهڙا پتيءَ ڌرم جا فرض پاليا آهن؟“

”روپا، زبان بند رک... مون ئي ته توکي مٽيو، اوچو ڪاڏو ڪهڙو عيش عشرت ڏيئي اوچ تي رسايو. پيو ڪير ته ليکي ئي به نه ها.“ شيوارام انڌ جي گهوڙي تي ڄڻ سڌ ٻڌ وڃائي ويٺو هو.

